

احا ياد آهي
لڪشمڻ



نالو : لڪشمڻ امرومل ڏُبي

جنم : 15 مارچ 1942

ڌنڌو : ڪنسٽرڪشن، فائنانس

ايڊريس: ڪاويم، گانڌاري گلي، قاضي واڙا، جهوناڳڙه 362001 (گجرات)

فون : (0285) 2623818،2656035

موبائيل :- 09323735932

تعليم : ايم. اي. (هندي - سنسڪرت)

ٻوليون : سنڌي، هندي، اردو، انگريزي، گجراتي

تخليق : 'اڻ ڏٺي پهر اڀاڻڪو' (سنڌي غزل دوها) (1996)، آڪاش جا ٽڪرا - (سنڌي غزل 2001)، اڄا ياد آهي (سنڌي غزل، بيت ۽ دوها 2008) ڪوئي گهر ۾ ڍونڍي گهر (غزل هندي 1996)، 'مڌوڪي دويپ' عمر خيام جون رباعين جو انواد (هندي 1997)، جو ڪنارا ٿا ڪيي (هندي غزل 1998)، بي نام چنيان (هندي غزل 2001)، اڪشر - اڪشر چيخ (هندي دوها 2008)

احيا ياد آهي

(غزل، دوها ۽ بيت)

لڪشمڻ

منهنجيون ننڍون ڦٽائڻ واري کي....

- لڪشمڻ

AJ̱AN YAAD AAHE

Collection of Ghazals, Doha & Bet

Laxman

2008

'Kavyam'
Gandhari Gali,
Qaziwada,
Junagadh-362001.
(Guj.)
Ph. (0285) 2623818, 2656035
Mob. : 09323735932

PRICE Rs. 140

Printed by :
Scan Computers
3, Radheyshyam Apartment,
Nr. Navdurga Society, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone : (079) 30246776
Mob. : 9327007002

منهنجي وڏي ياءُ مُربي قيمتراءِ امرومل ڏُبي
جي ياد ۾

منع ڇو ڪندو دِين ڪوئِي بندي کي بلا بندگيءَ کان،
مسجدن جي پر ۾ گروءَ جو نِڪاٽو اڃا ياد آهي.

ي حاصل ڪرڻ، سمجھڻ ۽ اَنڀوَ جي زمين تي اچڻ ڪانپوءِ شبد کي ڇڏي ڏيڻ لازمي آهي. شبد سڦل ۽ سگهارو تڏهن آهي جڏهن هوُ احساس ۾ آڻي ڪري ڇڏي ڏنو وڃي. اگر پڪڙي ويناسين لفظ کي ته انرٿ ٿو ٿئي. انڪري ي فلسوف لفظ کي دشمن سمجهندا آهن. فلاسافر کي انڀوَ پيارو آهي. هو شبدن جي جار ۾ ڦاسي وقت وڃائڻ نه ٿو چاهي. هوُ سڌو ئي وجود ۾ ٽپي ڏيڻ و چاهي- شبدن جو سهارو وٺڻ ڪانسواءِ. شايد اِنڪري ئي زبان، ڀاشا يا لفظ وحانيت جي خلاف ڳٽيو ويو آهي. ادب به تڏهن ڪارگر آهي جڏهن هو انڀوَ ا وجود ۾ اچڻ لاءِ ذريعو بڻجي. اهو ئي لفظ ڪامياب آهي جو احساس بڻي سگهيو.

شاعري تحقيق اِنسانيت جي ماتر ڀاشا آهي. Mother-tongue of humnity سچ پڇو ته شاعري آخري عيش Last luxury آهي. شاعريءَ کي ماڻڻ جهڙي- جهڙي جو ڪم نه آهي. شاعريءَ جي روبرو ٿيڻ هڪ اهم واقعو آهي. اهڙي ي ڪنهن عجب-اهم واقعي جي آس رکي هيءَ شاعريءَ جو ڳٽڪو توهان ائين پهچايو آهي، باقي توهان مالڪ آهيو:

شبدن جو ڪم آسڏڻ اچڻ ته تنهنجي وسِ،
خاموشي، ڪاڏسِ تون ئي وات وصال جي،
آسِ عميقن جي اٿم، ٻُڏڻ اچي شل ڏانءُ،
ڪَپ تي آخر آنءُ ترسي ترسان ڪيترو.

جن سڄڻن هن مجموعي کي توهان تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪئي آهي هي آهن :

اُستاد شاعر مربي ارجن حاسد
واسديو موهي
شريڪانت 'صدف'
ڪيمن موُلاڻي
شريچند دُبي 'جگري' ۽ شري ايس. ڊي. بصراڻي صاحب (هند)
محمد ايوب 'غازي' شر
مشتاق گبول، تاجل بيوس
عبداللهہ جيسر صاحب (سنڌ)

زندگي هڪ ڳوڙهو راز آهي. زندگي مڪمل طور سان Unpredictable آهي. زندگيءَ جي باري ۾ ڪا بہ اڳڪٿي - ڪوڙ آهي. ڪنهن بہ مشين کي رٿا موجب Programme ڪري سگهجي ٿو پر زندگيءَ بنسبت ڪوبہ پروگرام - ڪا بہ رٿا ناممڪن آهي. زندگيءَ کي Programme ڪري ئي نٿو سگهجي ڇو جو زندگي ڪنهن مشين جي اُپج يا پيدائش ڪانهي. سڀ مشينون، سڄي ٽيڪنالاجي زندگيءَ جي اُپج آهي. زندگي هڪ اهڙي غيبي شڪتيءَ جي پيدائش آهي جنهن شڪتيءَ کي اڄ تائين ڪوئي بہ جاڻي نہ سگهيو آهي. ان کي جاڻڻ ضروري بہ ڪونهي ڇو جو اِنسان خود اُن غيبي طاقت جو مجسم نمونو آهي، مڪمل مثال آهي. زندگيءَ جي اِن غيبي راز کي جاڻڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ساهتيہ يا ادب پڻ اُن ڪوشش جو هڪ قسم آهي. ادب زندگيءَ کي جاڻڻ جي واقعي هڪ لطيف ڪوشش آهي. ليڪن اِهو وِسارڻو ناهي تہ ادب زندگيءَ کي جاڻڻ جي هڪ ڪوشش آهي، ڪا دستيابي يا حاصِل ناهي. ادب هڪ سبب ٿي سگهي ٿو پر زندگي بي سبب آهي. لفظ بہ اگر وجود يا تجربي مان نڪتل ناهي تہ لفظ ناڪام آهي. اِها سچائي پلجڻي ناهي تہ لفظ احساس تائين پهچائيندڙ ذريعو آهي پر لفظ ڪنهن بہ صورت ۾ احساس نہ آهي. لفظ يا شبد اِشارو آهي، Indication آهي. اگر اسان شبد کي ئي پڪڙي ويهي رهياسي تہ وڏي چوڪ ڪئي. شبد يا لفظ کي ڇڏڻو آهي. شبد فقط سَڏُ آهي، آواز آهي، Calling آهي. نزديڪ اچڻو آهي سڏُ ٻڌي، ويجهو اچي ويهڻو آهي شبد جي معرفت، اُپنشد ٿيڻو آهي. (اُپ يعنيٰ ويجهو ۽ نشد يعني ويهڻ) ائين ٿيڻ هڪ وڏو واقعو آهي. ويجهو وڃڻ ۽ چُپ ٿي وڃڻ. ائين ٿيڻ سان احساس جي عجب زمين ملي ٿي جتي اَنڀو ۽ وجود جي نورُ جا نرالا تجلا ٿين ٿا. هوندي بہ ڏنو وڃي تہ جو ڪجهہ بہ لفظ ۾ آڻي سگهجي ٿو اُهو لفظ ۾ اچڻ شرط اڌ-سچ يا ڪنهن اِشاري ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ڇو جو اُهو لفظ آهي احساس نہ آهي. لفظ هڪ عمدو اِشارو، عمدي هدايت ٿي سگهي ٿو پر لفظ لفظ آهي. لفظ احساس يا اَنڀوَ هرگز نہ آهي. لفظ جي اشاري، لفظ جي رهبريءَ سان اسين اَنڀوَ يا احساس تائين پهچي سگهون ٿا. اُن ڪانپوءِ لفظ جو مقصد پورو ٿو ٿي وڃي. نديءَ جي هُن پر پهچڻ ڪانپوءِ جئن ناوَ کي ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي، ناوَ تان لهڻ ضروري آهي تئن معنيٰ

خود سان مهاڏو

اِنسانيت جو ٻيو نالو شاعري آهي. مذهب جو ٻيو نالو شاعري آهي. سونهن شاعري آهي. سچ شاعري آهي. ٻار جي معصوميت شاعريءَ جو ئي ٻيو روپ آهي. چرچ جو احساس شاعري آهي. شاعري دل جي ڌڙڪڻ جو ٻيو نالو آهي. ڀڳوان شاعريءَ جو مجسم آهي. هر راند شاعري آهي (فوٽ بال کي تہ چوندا ئي جسم جي ڪوتا آهن) اِنسان کي سک ڏيندڙ هر شيءِ شاعري آهي. پر شاعري شرارتي ٻار بہ آهي، دائما ٻرندڙ جبل آهي، خونخوار واگهہ بہ آهي، جيڪو اندر کي رهنبوڙي ٿو. ڪنهن سچ چيو آهي تہ اونداهي رات شاعريءَ جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ تارا ڪوتائون آهن.

لڪشمڻ جي سنڌي غزلن جو هيءُ ٽيون مجموعو (لڪشمڻ جا اڌ ڊزن کن هندي ۽ گجراتي غزلن جا مجموعا اڳ ئي شايع ٿي چڪا آهن) پڙهندي اِئين شدت سان محسوس ٿئي ٿو تہ زندگي ننڍين ننڍين خسيس چيزن جو ميڙ ٿي اهم وستو (Object) بڻجي پوي ٿي. اِهو اهڙيءَ طرح ئي آهي جئن ڪو مصوَر برش جي ننڍن ننڍن گَهڪن (Strokes) سان هڪ جمالياتي تصوير چٽي وٺي. جيڪڏهن اسين مصوَريءَ جو حظ ماڻڻ ٿا چاهيون تہ اسان اُنهن ننڍن گَهڪن کي درگذر ڪري سگهون. بيِچ تي پنڌ کي ماڻڻ لاءِ ريت جي ڪڻ ڪڻ جي ڇهاوَ جو رومانچ ضروري بڻجي پوندو آهي. لڪشمڻ جا غزل ماڻڻ لاءِ ذرڙن تي اک رکڻ ضروري بڻجي پوي ٿو؛ ذرڙا آفتاب بڻجن يا نہ بڻجن، روشني ڪڻن جو مانداڻ ضرور اکين آڏو رکن ٿا :

هن زماني سان.جڏهن منهنجي لڙائي ٿي وئي
سچ ٻڌايان، منهنجي مونسان ويجهڙائي ٿي وئي.
مان ڪوي بڻجي توهان سان هئن مخاطب ٿي سگهيس
۽ زماني جي پڇر کان واندڪائيِ ٿي وئي.

اِئين پاڻ سان ويجهو ٿيڻ وڏي ڳالهہ آهي، زماني جي غلاظتن کان بچڻ لاءِ اِهو اهم عمل آهي.بدزيبايون زياده آهن، جمال ڪٿي ڪٿي ئي اکين ۾ جهرمرائيندو آهي:

دلڪش دنيا لاءِ بيشڪ بڻ
پرتون خود کي پي ٿورو وڻ.

✤ ✤ ✤

خاص طور مان سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جو ٿورائتو آهيان جنهن نہ صرف هي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو پر هن ڪتاب جي مهورتي اجلاس جو بہ بندوبست پاڻ تي. هموار ڪيو آهي.

۽ آخر ۾ هڪ حسرت اتم جا ظاهر ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهان، شل هِن شاعريءَ جي سُرهاڻ منهنجي مادري-وطن، منهنجي ڳوٺ مينگهو فقير شر تائين پهچي ۽ اُتان جون مهربان هوائون مِٽيءَ جا ڪي ڪڻا اُڏائي مون مسڪين جي مَٽي تائين پهچائين! آمين.

- لڪشمڻ

۾ ڪڏهن اِها ناراضگي ڪجهه وڌيڪ ئي گوڙيلي ٿي ويندي آهي. رڙ ٿي پوندي آهي:

چا جو ماڻهو؟ اڄ جو ماڻهو
حيوانيت جو ڦر لڳندو آ.

شعر ۾ واڪو وڻندو ڪونهي پر ڪڏهن، غصو سڀ بند ٽوڙي ڇڏيندو آهي، شاعر
بہ ڏيئي ڇڏيندو آهي. هتي گاريانڊو لفظ ’ڦر‘ پٽر بڻجي سڌو سر تي ٺڪاءُ ٿئي
شايد نقاد مٿين مثالن ۾ هيٺ ڏنل شعر کي ’طنز‘ جي خاني ۾ رکن، مونکي
ي درد جي ڪراهہ لڳن ٿا:

ڇڱو ڀلو اِنسان هُئو هڪ،
چا ڪون بڻجي پيو ڪامورو.

هوندن بہ شعر چوڻ ڪو لفاظِي يا لفظ گيري ڪونهي:

جي هجي ها کيل شبدن جو غزل جوڙي ڇڏيون
ڳالهہ دل جي آهہ چوڻي، ساسہ ٿو نڪري وڃي.

زندگيءَ جي تلخ سچ کي هو جڏهن سمجهڻ لڳا،
ٻارڙا ويچارا مشڪڻ ’لڪشمڻ‘ پلجي ويا.

پر شاعر جي منهن مان جڏهن جذبات بجاءِ جذباديت پريا اُدگار
exclamation - هاءِ اَلا، اي ڪاش، اُف) ڀرڪي پون تہ ’ڪراهہ‘، ’پيڙا‘ جو تاثر
و ٿي پوي ٿو. ’بندا، ڪيتو‘ جهڙا ڏارمڪ جهالر وارا لفظ بہ غزل جي سپاءُ سان
ميل آهن. ترڪڻي فرش تان هلڻ مجبوري تہ بلڪل ئي ڪونهي، ڪيترا ئي
ان کُليا پيا آهن.

لڪشمڻ ڪڏهن نج شاعريءَ جي چوغي مٿان گيڙو چولو بہ اوڍي ٿو وني ۽ واعظ
انداز ۾ نصيحتن جو ’پرساد‘ بہ ورهائي ٿو وني. پر ’پرساد‘ تہ انگيڪار ڪرڻو
پوندو آهي، ڀلي ڊايبٽيز چوٽ تي هجي:

ڀل دنيا سان ياري رک!
دل ۾ پر بيزاري رک!

جي رشتا پختا چاهين
ممتا پوري ساري رک!

مٿين ’صلاحن‘ جي چوڏاري فيلسوفيءَ جو پرت پريل آهي جيڪو دلڪش ضرور
ي.

لڪشمڻ جي غزلن جي وڏي حاصلات آهي سندن سادگي، گفتار جو انداز، ڪن

شايد سمجهہ رکان سالم
سپ ڪجهہ سمجهڻ تائين مان.

✣ ✣ ✣

واقعي خوب هو سنو ماڻهو
پر نہ پڇجو تہ ڇا ٿيو هنجو.

متي مون چيو آهي تہ شاعري شرارتي ٻار آهي ۽ اسان کي خبر آهي ڏنگايون وٽنديون آهن، مرڪ ڏينديون آهن:

مان جڏهن ڪاٽي چڪس ساريون سزائون
کي نوان اِلزام تن کي ياد آيا.

✣ ✣ ✣

پاڻ سان ملي آيو آ
تڏهن تہ اِئن گهبرايو آ.

✣ ✣ ✣

پاڻ وساري ويو 'لڇمڻ'
شايد ڏاڍو تڪڙو هو.

✣ ✣ ✣

ڳالهائي ٿو ۽ سو پڻ سچ
سچ ۾ پاڳل آهي 'لڇمڻ'.

(هِتي سچ جي دهراءَ کي ماڻيون، موسيقيءَ ۽ معنيٰ، ٻنهي حوالن ۾)
ڪڏهن ڪا ڏِنگائي پيڙيندي بہ آهي:

منهنجي گهر ڏس، غم آيو آ
پل آيو - ڳوناڻي آهي.

متي مون اِئين بہ چيو آهي تہ شاعري رهنبوڻي ٿي. شاعر ناراض بہ ٿيندو آهي. هن جي ناراضگي، البت خون ڪانہ ٿي وهائي: هٿوڙي ڇيڻيءَ ذريعي هلڪي هٿ سان پٿر کي ڇلي، رهنبوڻي ٿي ۽ اِئين ڪا فنائتي تخليق خلقي ٿي وڃي:

ڏينهن ڏني ڏهڪاءُ ڏاڍو، گوڙ ۽ ڪارا ڪڪر
خوب اوندهہ جي دلالن جي ڪمائي ٿي وئي.

اڄ زماني ۾ ڪٿي هئي ڏاڪ ابڏي ڪوڙ جي،
سچ چئي پوڇو لڳو جڻ پل نہ ڪائي ٿي وئي.

(ا)

پراڻ منهنجا حسرتن جي چار ۾ ڦاسي ويا
ڪنهن شڪاريءَ جا ڇڻڪ لايا سجايا ٿي ويا

دوست ناهڻ جي عجب ديوانگي دل ۾ هُئي
ڪي هٿن مان، معتبر دشمن مگر ڪِسڪي ويا

ٻوڙندڙ هڪ پيڙ انڌن جي اڳيان ايندي ڏسي
جي نظر وارا هئا هڪڙي ڪناري ٿي ويا

ڪجهه ڪُڇڻ ممڪن نہ هو ۽ چپ رهڻ دشوار هو
مون ڏنو مجبورماڻهو زهر جا ڍڪ پي ويا

اڄ جيئڻ جا ملهہ هئا، ماڻهو هئا، فرصت هئي
هي جيئڻ کهڙو آ يارو، جي ويا سي جِي ويا

زندگيءَ جي تلخ سچ ڪي هو جڏهن سمجهڻ لڳا،
ٻارڙا ويچارا مشڪڻ ’لڪشمڻ‘ پلجي ويا.

اَپوادن (اِستثنيات) کي ڇڏي پختي، سهج (فطرتي) بندش، مشاهدي جي سچائ
۽ اُن سان ٺهڪندڙ پيشڪش (بلاغت)، اِظهار ۾ جديديت جي ڇاٽ، ڇيرا ڏيند
طنزيہ درجي جي شعرن جي باوجود نوع ۾ ڪڙواهٽ (ڪؤڙاڻ) جي غيرموجودگي
لفظن جي ڀرپور آزادگي - پنهنجين عام معنائن کي پٽ ڏيڻ جي سگهہ رکندڙ
ٽڪنيڪي لوازمات سان اعتماد ڀريو نباهہ.

هن مجموعي ۾ لڪشمڻ دوها ۽ بيت بہ ڏنا آهن. سنڌيءَ ۾ نئين سر اِنه
ڪلاسيڪل هيئتن کي جيئاريو (revive) ويو آهي. سنڌ ۾ ڪافي وقت کان ۽ هند
هاڻي هنن فارمن ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي ويئي آهي؛ اِن حوالي ۾ لڪشمڻ
ارجن حاسد جا بيت، دوها غور طلب آهن. دوهو پنهنجي جنم داتا تلسيداس ڪا
وني ڀڳتي ڪال جي لڳہ ڀڳہ سڀني ڪوين جي اِظهار جو ذريعو رهيو هو، خاص ڪر
ڪبير جا دوها پنهنجي سهجتا، صاف گوئي، زندگيءَ جي عڪاسيءَ، مشاهدي
آتم-چنتن وغيره جي ڪري ادبيت سان اوت پروت آهن.

البت، هاڻي هنديءَ جي ڳالهہ ڪجي تہ دوهن جي ڏُم لڳي پيئي آهي. ٻڌ
پڙهيو اٿم تہ آڪاشواڻي (All India radio) ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن ڪرمچاريءَ ل
ڪان مٿي دوها لکي، گنيس بوڪ آف ورلڊ رڪارڊس ۾ پنهنجو نالو درج ڪرائڻ ج
چڪر ۾ آهي. خير، لڪشمڻ جي دوهن جي ڳالهہ ڪريون. هو گهٽ ۾ گهٽ اهڙ
ڪنهن مهاڊوڙ (Marathon) ۾ شامل ڪونهي. هن پنهنجي پهرئين مجموعي '
ئي پهر اُڀاڪو (1997) ۾ بہ دوها ڏنا آهن. لڪشمڻ جا دوها توڙي بيت نئي
ڪوتا جي نوعيت جا آهن ان ڪري هنن ڪلاسيڪل فارمن جي مواد ۾ تازگي نظ
اچي ٿي. هڪ سچاڳہ شاعر ڪنهن بہ فارم ۾ لکي، هو پنهنجي وقار کان هيٺ
لهندو ۽ لڪشمڻ بہ اِن حوالي ۾ پاڻ کي سالم رکيو آهي.

شروع ۾ مون شاعري نسبت گهڻو ڪجهہ چيو آهي- شاعري هيءَ چيز آهي
شاعري هوءَ شيءِ آهي. هڪ اهم ڳالهہ اڃا بہ باقي آهي- شاعري پاڻ کي ٽٽولڻ
آهي، پاڻ کي تلاشڻ، پاڻ کي ڪڏڻ بہ آهي، پر اِنسان جي اندرين تهن ۾، حرڪ
۾ رهندڙ ڪيميڪلن جون مساواتون اهڙو تڪڙو تڪڙو بدلجن ٿيون جو اُنهن ک
سمجهڻ ڪٿڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. جڏهن ڪنهن چيز کي ڪو سمجهڻ چاهي، قوله
چاهي ۽ اُها چيز گوهيون ڏيندي رهي تہ ناراضگي ٿيڻ فطرتي آهي. لڪشمڻ
غزل، ان ڪري، خود سان ئي مهاڏو آهن.

واسديو موهي
16.09.08

(۳)

هن زماني سان جڏهن منهنجي لڙائي ٿي وئي
سچ ٻڌايان، منهنجي مونسان ويجهڙائي ٿي وئي

شل سڄڻ سمجهي سگهي، منهنجون ٻه هيون مجبوريون
مون ٻه چاهي ڪانه هئي پر بيوفائي ٿي وئي

ڏينهن ڏني ڏهڪاءُ ڏاڍو، گوڙ ۽ ڪارا ڪڪر
خوب اوندهه جي دلالن جي ڪمائي ٿي وئي

هن اُداسيءَ جي اگڻ ۾ هِئَن اچي تنهنجو لهڻ
جڻ ته ڪاريءَ رات ۾ ڪا روشنائي ٿي وئي

عيب منهنجا تو ٻڌايا يار، تنهنجو شڪر آ
ڏس، ٻنان صابڻ- ڌلائي ۽ صفائي ٿي وئي

اڳه زماني ۾ ڪٿي هُئي ڏاڪ ايڏي ڪُوڙ جي
سچ چئي پو چو لڳو جڻ پل ته ڪائي ٿي وئي

مان ڪوي ٻڌجي توهان سان هِئَن مخاطب ٿي سگهيس
۽ زماني جي پچر ڪان واندڪائي ٿي وئي.

۱

(٢)

ٻبر ٻوڪي اگر تون خار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟
ڏنو جو تو اُهو ئي يار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

ڪري نيلام غيرت کي، وڃائي آبرو پنهنجي
اندر مان ڪا اگر قتڪار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

ڇڏي احساس جا منڙا سهانا پيڇرا پيارا
سندي جيوت اگر بيزار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

منافو ئي منافو هر جڳهه تي دوست تو ڳولهيو
اڳڻ ۾ ئي سندي بازار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

ادب اخلاص جو مفهوُم تو ڳولهڻ نه چاهيو آ
پو رِشتن ۾ اگر ديوار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

ٻڌايا ذرد دنيا ۾ ڪئين منصور ۽ گوُتم
جگر ۾ تون سندي جي ڏار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

اسان کي هت هميشهه لءِ ته 'لڪشمڻ' ڪونه رهڻو آ
هلڻ جا ڪي اگر آثار پائين ٿو، ڇڙين ڇو ٿو؟

(۵)

خواب اکين ۾ ۽ پيرن ۾ ڇالا هوندا
رلندا-پنندا ئي هردم متوالا هوندا

ڪاغذ تي ئي خون اسانجو پوکينداسون
اگر سوچ تي پهرا، ڄڀ تي تالا هوندا

سڀ ڪجهه ڄاڻي پڻ جيڪي اڻڄاڻ ٿي ويا
اهڙا ڪي وِرلا ئي لوڪ نِرالا هوندا

ڪنهن بکئي ڏي اُڇلائي روٽيءَ جا ٽڪرا
مُنهنجي ليکي هُنن هَنيا ڄڻ ڀالا هوندا

جنجي ڏسندي تنهنجي گهر کي ڪاٽ لڳو آ
يار، اُهي ئي هن گهر جا رکوالا هوندا

جيڪي رهجي ويا اَڪيلا ۽ اَجنبِي
سي ماڻهو ويچارا، ڀولا ڀالا هوندا

ڀيو تہ پلا ڇا هوندو 'لڪشمڻ' جي شعرن ۾
لڙڪ، اُداسي، غم جا چند حوالا هوندا.

(۴)

مذر مستين پرنيو ميلو مچائي - مان هليو ويندس
حُڪومت حسن - اي هستي هلائي مان هليو ويندس

زماني جي هوائن ۾ ڪڏهن لَٿجي ڪڏهن ڪَٽجي
مِٽيءَ ۾ ميرڙو دامن مِلائي مان هليو ويندس

ڪٽي ڪو قرض آيو هان هِتي جڻ ڪِن پناڻن جو
وهي تا عمر بانِهو ٿي چُڪائي مان هليو ويندس

مقابل ظلم جي خاموش ڪٽ رهندس ڪَوِي آهيان
اوهانجي مرم کي ڪا آڳ لائي مان هليو ويندس

جهانْ ۾ سپ، ڏکي آهن هجان پوءِ مان سکي ڇا لءِ
ائين ئي ماٺِ ۾ من کي مچائي مان هليو ويندس

هتي جو ڪجهه به ٿيو آهي ڏسي تپرس ۾ پيو آهيان
اُٿي بهندس مخالف ٿي الائي مان هليو ويندس

متان ڪا راهه ڏوراهين پوي پُلجي مُسافر ڪو
انڌيريءَ رات ۾ ديپڪ جلائي مان هليو ويندس.

(٧)

کير ويٺو آ سنڌي ٿِي آسري
ياد جي ڪِڙڪي هميشھ بند ڪري

شھر چارو ٿو ڏئي اِنسان کي
جانور جيان آدمي پيو ٿو چري

آس جي ٿِي آ حوالي زندگي
آس جو ڏيئڙو سدائين پيو ٻري

ڪينَن سَري آهي سين جي، ڇا خبر
هڪ گهڙي پڻ ڇو بنان تنهنجي سَري

دانهن-رڙ ڪوئي ٻڌي، جاڳي متان
آس آهي ڪو تہ شايد ڪجھ ڪَري

هل، وٺي هل، ميت منهنجو هٿ جَهلي
هن زماني کان پري، ڏاڍو پري

جيڪو قائم ڪين آ ايمان تي
’لڪشمڻ‘ جيان ڇو نہ ڳٽين ڀر ڳري.

(٦)

حسرتن جي حسابن سان ٽِٽڻ لازم ٿِيو هوندو
مرڻ جي لاءِ هر ڪنهن کي جِئڻ لازم ٿِيو هوندو

اُداسيءَ جي جڏهن ڪنهن کي دوا حاصل نہ ٿي هوندي
وهائي درد جا ڳوڙها پِئڻ لازم ٿِيو هوندو

سنڀالڻ ڪانہ آئي هي مِلي سوغات جا مونکي
ڪڍي سڀ ڪجهہ، سزا وانگر، ڏِئڻ لازم ٿِيو هوندو

ڳنهہ جو راڄ سيمائون وِيو هوندو لتاڙي سڀ
صبح ۽ شام ظالم جو ٻِڌڻ لازم ٿِيو هوندو

لڳڻ دل دائما هتڙي نہ ممڪن هو، خبر هوندس
تڏهن هِنکي هِتان هُتڙي نِئڻ لازم ٿِيو هوندو.

(٩)

پائي وڳو شرير جو آيو پکيئڙو
پورو سفر ٿيو تہ اُڏاڻو پکيئڙو

جنهن ملڪ جا تہ وڻ ئي سُڪي ۽ سَڙي ويا
مجبور عشق آهي اُتان جو پکيئڙو

گهر ۾ اڪيلا ٻار ڇڏي روز صبح جو
چاهيندو ڪين پو بہ وڃي ٿو پکيئڙو

جنهن تي ديا ڪري ڪيو آزاد بند مان
پڃري ۾ پاڻ سو اچي ويٺو پکيئڙو

داڻا پکيڙي ويٺو هو صّياد ڪنڌ ۾
آيو ڇڏي اُڏام اڀاڳو پکيئڙو

جنهن جاءِ تي ڪا چيخ دِفن ڪئي هئي هنن
اُن جاءِ ساري رات لَنيو هو پکيئڙو.

(٨)

شعر چئي مون صرف ايترو ڄاتو آ
ڄڻ ديپڪ جو هاءِ، جلڻ سان ناتو آ

جسم شبد جو معنيٰ ڳولهيندي ڇيريو
خاموشيءَ جو وياڪل لمحو پاتو آ

الا، وڇوڙي وارن جي ڇا ڳالهہ ڪجي
جن هڪڙو ئي سُر وصال جو ڳاتو آ

مار، ٺڦون، چڙٻون ۽ دڙڪا کائي پڻ
ٻار ماءُ وٽ اچڻ لاءِ، ڏس، آتو آ

هڪڙو پل پڻ جو ڏيندي ڏائڻ سُکون جو
خواهش-خواهش ڄڻ ڪوئِي پاراتو آ

يار شاعري مفت ۾ آهي ڪانہ مِلي
ڪنهن ويچاري سڀ سرمايو لاتو آ

هن کي گهرجن اُجرا ۽ سٺيا ماڻهو
’لڪشمڻ‘ ميرو عيبنهاڻو کاتو آ.

(۱۱)

اگر لکان، ٿوري ۾ ٿورو
يا تہ چڏي ڏيان ڪاغذ ڪورو

ترت اچي سو ڏينهن سدورو
وٺي وڃي جو سوُر سدورو

تنهنجي سڪ تنهنجي سارن سان
سرچي وينو ساهہ سڳورو

چڱو - ڀلو اِنسان هئو هڪ
ڇاڪون بڻجي پيو ڪامورو

صبر ساهہ ۾ رڪان سمائي
اچي لِيئو پائي ٿو جهورو

هن ايذائي اهنج ڏنا، ڏس
جيڏو آهي ڀلڙو - ڀورو

شڪ - ناراضي - ضدّ ۽ غصو
اِهو اٿئي سڀ نينهن نِسورو.

(١٠)

تنهنجيءَ دل ۾ راز هئا
منهنجا پڻ انداز هئا

جڳ ۾ جوڀن وارن جا
ڇا تہ نرالا ناز هئا

ريجهائيندڙ رقص مڌر
ساڻ سريلا ساز هئا

ڪڏهن-ڪڏهن جي ٻڌا اٿم
اندر جا آواز هئا

دل ڏاريندڙ هُئي اِنتها
ڪر پڇيندڙ آغاز هئا

هر گل هو سهڻو-سهڻو
ماڻهو سڀ ممتاز هئا.

(۱۳)

غير هوندي پڻ مونکي پنهنجو لڳين
شل هميشه دوسُت ناهوڪو لڳين

پاڻ کي منهنجين نگاهن سان تون ڏس
ٿي سگهي ٿو، معتبر سهڻو لڳين!

واسنا جي آگ ۾ جيئَري جلي
چا بڌايانءِ، هاءِ تون کهڙو لڳين!

تو ڏِني مونکي ته آ نفرت سدا
پوءِ پڻ پيارو ڀلا ڇو تو لڳين؟

ڀل غريبي سادگي هردم هجي
آدمي پر پو بہ، آسودو لڳين!

هن زماني ۾ رهي پڻ **’لڪشمڻ‘**
شل زماني کان جدا، پيارو لڳين!

(١٢)

منهنجي گهر جي ديوارن تي تنها - تنها
وار پکيڙي ڏس ته اُداسي ڪِئَن ويٺي آ

ڏسو تماشو، پاڳل بڻجي ڪو ڊوڙي ٿو
ماڻهوءَ کي جڻ ڏنگي وئي آ نانگڻ آشا

رانديڪن سان کيڏي - کيڏي ٻار سمهي پيو
حسرت سان ڪِئَن ڏسن ٻار کي پيا رانديڪا

ايڏو چو محتاج ڪيو تو مالڪ، مونکي
بنا ڇڄَئي جو ڪنهنجي در تان پکي اُڏاڻا

منهنجو اندر ايلاڪا ڪان آجو ٿئي شل
ماري وجهندي اڙي اِها ئِي هڪ ايلاڪا.

(۱۵)

هڪ امر اِتهاس جي اعليٰ زبان ڀُلجي وڃن
سنڌ وارا هاڻ سنڌيءَ کي متان ڀلجي وڃن

ذڪر پنهنجيءَ تنگدستيءَ جو هنن سان ڪونہ ڪج
ٻارڙا هي مُسڪرائڻ پڻ متان ڀلجي وڃن

تون هنن جي حؤصلي جي ايترو آڏو نہ اچ
عمر ڀر لءِ چنڊ، تارا، آسمان ڀلجي وڃن

شل نہ ويچارن تي روٽيءَ جو اثر ايڏو پوي
جو جٽيل تنهنجا نہ گهر-بابو-امان ڀلجي وڃن

اِئَن نہ ٿئي جو ذهن ۾ پالن خزائُن جي ڇُپين
هيڏا سرها، سونهن وارا گلستانَ ڀلجي وڃن

دل ۾ دائم درد جو هڪ سوجهرو روشن رهي
عشرتن جون ظلمتون هو شؤنق سان ڀلجي وڃن.

دلڪش دنيا لِءِ بيشڪ بڻُ
پر تون خود کي پِيِ تورو وڻُ

مايوسيءَ ۾ سمهي پوڻ سان
جلُ بڻجي ويو آهي درپڻ

ڪنهن نہ قبوليس ڪوتو سڪو
ڪرڻ ويو مندر ۾ ارپڻ

ماڻهو، ڏس ويچارو ماڻهو
خوش ٿي پالي خواهشن جو ڏڻُ

جاڻي ويا ٿِس اصلي چهرو
ڏسجنئہ هنجو هاڻ بدلجڻ

گم ٿي ويا سپ ويني-ويني
جائو ئِي هو ڪونہ ڪوئي جڻ

اگر ٻُڌو ٿا، ڏيان سان ٻُڌجو
چو تہ ضروري آهي سمجھڻ

منزل جي نزديڪ اچڻ سان
ڏاڍو ممڪن آ ٿابڙجڻ

ڪنهن بہ سبب جي نٿو اچي هو
پير بہ ٽي تون ئِي هن ڏي ڪڻ.

(١٧)

تُنهنجي هوندي گهرُ لڳندو آ
ورنا هِن ۾ ڏرُ لڳندو آ

جيڪو مُنهن تي چئي سگهي سپ
مونکي سو ئِي نرُ لڳندو آ

چا جو ماڻهو؟ اڄ جو ماڻهو
حيوانيت جو ڦرُ لڳندو آ

حالت پنهنجي سوچي-سوچي
دل تي ڄڻ پٿرُ لڳندو آ

هر پل سيني کي چيريندڙ
ڄڻڪ گرم خنجر لڳندو آ

ننگي بدن تي ڇُرندڙ-پُرندڙ
ڪِرڙيءَ جو منظر لڳندو آ.

(١٦)

ياد تنهنجيءَ ۾ هجان ۽ پير ٿاٻڙجي وڃي
ڪو تہ ٿابو زندگيءَ ۾ روشني بڻجي وڃي

وڃ، وڃي هن کي دِلاسو ڏي اُڏاريءَ آس جو
تي سگهي ٿو اِن بهاني ڪجھ ڏهاڙا جِي وڃي

جنهنجي صحبت جو مزو چاهيو اٿن، ماڻيو اٿن
ظالمن کي شڪ آ جاهل متان سُڌرِي وڃي

واندڪائِي ۽ اُداسي پاڻہ وارن کي مِلي
درد بڻجي دوار تنهنجو ڪاش اِئن پڻ ٿي وڃي

اڄ ڪِٿي ڪو آهي شنڪر جو اسان جو وِڪہ پِئي
اڄ مناسب آهہ هرڪو زهر، پنهنجو پِي وڃي

جي هجي ها ڪيل شبدن جو غزل جوڙي ڇڏيون
ٻالهہ دل جي آهہ چوٽي، ساهہ ٿو نڪري وڃي.

(١٩)

پهرين پريت بيانْ ڪرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ
نَوَن ٻَرَنِ ۾ سگهہ پرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ

آس مِلڻ جي توسان ساجن، متان وسامي اِئَن
ميڻ مثل پل پل ٻرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ

جسم ڪِٿي هئي منزل منهنجي، دل جي ڳالهہ هئي
لمبِي دوُري طئہ ڪرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ

نا اُميديءَ جي اوندهہ ۾ شايد راهہ سُجهي
آس ڪٿي ڪنهنجي مرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ

دل جو درد غزل ۾ اوتڻ سؤلي ڳالهہ ڪِٿي
برف هماليہ جي ڳرڻي آ، دير تہ لڳڻي آ.

(هندي شاعر ”هستيءَ“ کان متاثر)

(١٨)

وِڏ ڪٿي پڻ ڪانہ آهي پاڻ سان پرچي ڏِسو
سڀ صحيح ٿيندو رهيو آ بس، ذرا ترسي ڏِسو

خودڪشيءَ ڪي روز قسطن ۾ جيئَڻ آ زندگي
جي يقينِ چاهيون تہ اڄ جي حالتن ۾ جيِ ڏِسو

شاعريءَ جو لطف وِرلا شخص ئي پائي سگهيا
هڪ دفعو احساس جي هِن تازگيءَ کي پيِ ڏِسو

عشق آ اڻڄاڻ ۽ اونداهہ عالم جو سفر
يا ڪيو مونتي ڀروسو پاڻ يا تِرڪيِ ڏِسو

منزلن جو حوصلو، همٿ، حرارت نيڪ آ
وات کهڙيءَ تي وڏي آهي اِها ڳاڌِي ڏِسو

چو ڀلا اؤلاد ئِي آهيَ مِٺايو ماءُ کي
ڇا ٻٽي آهي اسانجي، دوستو، ڏرتيِ ڏِسو.

(٢١)

گڏ هجين تون اگر چو لکان، چا لکان
دور آهين تہ مان چو نہ ڪِوتا لکان

عمر ڀر خط لکڻ لاءِ سکندو رهيس
آس هي جي لکان حال چڱڙا لکان

ڪاچ جي فريم ۾ بند مڇليون ڏِسو
بيوسيءَ جا نظارا بہ کهڙا لکان

حالتون هي اچوکيون الا، وِئل آ
دل چوي تي پراڻا ڪي قصّا لکان

ڪيستائين پيلا هٿ خوشي ڳولهجي
درد ۾ بيخوديِ جا ڏنم سان لکان

هر گهڙي سونهن پنهنجي نهاري سگهين
شبد اهڙا لکان جڻ تہ شيشا لکان.

(٢٠)

ملي پاڻ سان آيو آ
تڏهن تہ اِئَن گهٻرايو آ

ڪري ڀروسو هر ڪنهن تي
چو ايڏو پڇتايو آ

دل وِر-وِر ڪٽسي ڪٽسي
راڳہ برهہ جو ڳايو آ

هرڪنهن کي حاصل چو ٿئي
درد وڏو سرمايو آ

هاءِ، ڪامنا ڪاريهر
ڪيڏن کي ڪيرايو آ

ڪنهن جي ڏڙ تي ڏس تہ پلا
ڪنهنجو سيڙُ لڳايو آ

پل-پر جو هو قرض، مگر
جيون-پر موٽايو آ.

(٢٣)

ڪُجھ ٻُڌائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي
۽ لڪائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي

آدمي خود کي خدا وينو سڏي
سر جهڪائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي

جو مليو ڳوڙها فقط ڏيندو ويو
مسڪرائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي

پو رُڳو رُسوائيون - تنهائيون
دل لڳائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي

شل هجي اونهون عقيدت جو اثر
آزمائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي

باٽ رومن ۾ لِکي پيا سُر ڪِين
جڻ تہ ڳائڻ پڻ مصيبت آ وڏِي.

(٢٢)

مرضي هلي نہ ڪائي ڪيڏي نہ بي وسي آ
خواهش جي وات مونکان هرڪا خوشي کسي آ

آهي هلڻ وٽيو جي ٽڪجڻ ۾ آ مزو پڻ
بيچارگي بڻي جا منزل تي ڏِس رَسِي آ

ڪيڏو بہ پيا چلايو ڪوئي بہ ڪين ٻڌندو
بي شرم اُپ لڳو جڻ انڌن جي آرسي آ

اهڙي تضاد مان ئي غم آشڪار ٿيندو
کرن چپن تي وينِي مسڪان ڏس لَسي آ

زندهہ رهيس درن تي دستڪ ڏئي-ڏئِي مان
خوددار ٿي سگهان ها، قسمت ئي ڪا ڪَسي آ

ڪائي بہ جلدي ڪانهي ڪِٿ پي نہ پهچڻو آ
دلڪش سفر آ ڪيڏو گهر ڏانهن واپسي آ.

(٢٥)

قسم سونهن جو هت عجب دلڪشي آ
ڪِٿي ڪُجھ بُرو يا ڪا بدصورتي آ

نظر تي منحصر اٿئي سڀ جهانُ ۾
نظر جي حوالي سڄي زندگي آ

ڪو همنام ماڻهو ڪري پيو خطائون
حيا ۾ نظر يار، منهنجي ٻڏي آ

لڄائي نگاهون جُهڪائڻ سندس اِئَن
هوا ۾ اُڏاڻي ڪا جڻ اڳڪٿي آ

اُميدن ڏِسو حال کھڙو ڪيو ٿِس
تڏهن پڻ لڳي ٿو تہ آسائتي آ

هُجي ها جي ممڪن لڳائڻ ڪٿي دِل
تہ پو مئڪشي چو ۽ چو شاعري آ

ڏسو هڪ غزل جو ٽِڙيو آ وري گُل
۽ چوڌار بس تازگي تازگي آ.

(٢٤)

هر طرح جي هاڻ دل کي غير پرواهي کپي
ياد تنهنجيءَ جي فقط مونکي شهنشاهي کپي

راهه اهڙيءَ تي هلڻ جي چاهنا پالي اٿم
ڪا اڪيلائي کپي ۽ ڪانه همراهي کپي

واهه تون بيواهه جي، آهين نڌڻڪن جو ڌڻي
تنهنڪري اڄ ڪو وسيلو يا نه ڪو واهي کپي

ٿي سگهي ٿو شبد ئي ديوار بڻجي ويا هجن
اڄ ملڻ جي واسطي ديوار هيءَ ڊاهي کپي

شاعري آهي اُها جا سوچ ۾ آڻي چڙهي
داد جي چا لءِ طلب، چا لاءِ وهه واهي کپي

اڄ وري هڪ شعر آڪڻ جو اِرادو آ بڻيو
درد جو ڪاڳر کپي ۽ خون جي سياهي کپي.

(۲۷)

جنهن چوڏس جو چنڊ گهريو آ
ڪين پرچندو آڪاڻيءَ سان!

هڪ-هڪ ڪپڙو لهرايائين
پوءِ ڏنو پردو واٽيءَ سان!

اُڇ اسان جي انحد جي آ
لهندي ڪين ڪڏهن پاٽيءَ سان!

مرد ملنگن جي دنيا ۾
شل ناتو نيڄي نياٽيءَ سان!

او عاقل، شِهري شهزادا
پيچ نہ پائج ڳوناٽيءَ سان!

(٢٦)

جيئندس پٽڪڻ تائين مان
تو وٽ پهچڻ تائين مان

خود کي ڳولهيندو رهندس
تو تي سوچڻ تائين مان

شايد سمجهه رکان سالم
سڀ ڪجهه سمجهڻ تائين مان

وئرت آ سڪ جي ڳولها
آهيان تڙپڻ تائين مان

هُجڻ کپان هِڪ ڦوُڪَ فقط
ڦٽڪي ڦاٽڻ تائين مان

اهڙي ذات ڏِجنئہ ڪا تون
مَلڪان مڃڻ تائين مان

سُڻڻ تہ تنهنجي وس دلبر
آهيان آکِڻ تائين مان.

(٢٩)

زخم ايترا ورنا ڇاڪون آيا هوندا
مونکي لڳي ٿو تو پڻ يار بڻايا هوندا!

گل سان چنبڙيل هڪ تتليءَ کي جدا ڪري ڏس
اي آنڌي، تون وڻ ڪيڏا ڪيرايا هوندا!

مون هڪڙو پڻ اکر ڪين ورجايو ڪونهي
هو پنهنجي ئي ڪيتي تي شرمايا هوندا!

مان پنهنجي ئي گهر ۾ حاضر ڪونه رهيو هان
قاصد يا پيغام ته ڪيئي آيا هوندا!

پنهنجي ئي ڪنهن غم جا ڳوڙها هئس اکين ۾
مونکي لڳو هُن منهنجي ڪري وهايا هوندا!

ٽڪرا ٽڪرا ڪري مونکي جاچيو هوندائون
تڏهن بڻيا منهنجي باري ۾ رايا هوندا!

ورنا ايڏا ٿڪل-ٽٽل لاچار لڳن ڇو؟
هنن لڳي ٿو، پنهنجا فرض نڀايا هوندا!

(۲۸)

گهرڻ سان چيز ڪائي پڻ ڪٿي مننار ڏيندو آ
اگر مرضي سندس هوندي الاهي پيار ڏيندو آ

نوازي ٿو اسان کي لڄ-حيا جي سونهن سان بيشڪ
ڍڪڻ لءِ تن لٽو ليڪن ڪٿي ڏاتار ڏيندو آ!

حقيقت جي مٽيءَ سان واسطو جوڙي رکڻ خاطر
اسانجو مهربان خالق غمن جو بار ڏيندو آ!

نہ حاصل جي ٿيو آهي سندس ڪنهن ياد جو جذبو
اسانکي خواهش جو طلسمي سنسار ڏيندو آ!

خدا جي هن روايت کان ڪڏهن ٿيندين بندا، واقف
ڪندو آ خاڪ پهرين پو گلو-گلزار ڏيندو آ!

جدائي شاعريءَ جو مرڪزي واحد سبب آهي
اگر غم آهہ دل ۾ زور جو اظهار ڏيندو آ!

اڙي پاڳل، ذرا تون سمجهندو ڪر حسن وارن کي
ڪشش جي واسطي ماٺا، شرم اِنڪار ڏيندو آ!

(۳۱)

رات ٽيندي ئي ستارا جڳمڳايا
چڻ ڏِسائُن درد جا ديپڪ جلايا!

مان جڏهن ڪاتي چڪس ساريون سزائون
ڪي نوان الزام تِن ڪي ياد آيا!

جي پڇو ٿا ڪو سبب مان ڇا ٻڌايانءِ
بس ائين ئي لڙڪ اکڙين تي وهايا!

ڪا اُداسي يا غصو يا چڙ هئي ڪا
جنهن لڳي ٿو ايترا شاعر ٻڻايا!

شل ڏِسان، گهمندي مذر ڪنهن ياد ڪي مان
مون جِتي هاشبد ڪوِتا جا وِڇايا!

(۳۰)

هر ڪا نظر وِساڻي آهي
گهر ۾ جائي نياڻي آهي!

سک-سنتوش اُتس ڇهري تي
ڪا تصوير پراڻي آهي!

جوت درد جي ٻرندي رهندي
اڃا نظر ۾ پاڻي آهي!

ڏس شبدن جا ڳهڻا پائي
ويٺي ڪِوتا راڻي آهي!

يادون، ڳوڙها، درد وڇوڙا
هر ڪنهنجي آکاڻي آهي!

جڻ ته اسان جي جيوت 'لڇمڻ'
سورن جي سمجهاڻي آهي!

(٣٣)

چو پوي دِل تي دغائَن جو اَثرُ!
جي هجي موٗجود مائُن جو اثرُ!

خواهِشون آيون، نہ مان موٗجود هوس
ائين بہ ٿيندو آ دُعائُن جو اثر

زندگي آ آرزُن جو وڻ ڪوئِي
چانوَ - اُس آهي اِچائُن جو اثر

هڪ لکل قوُوت بِڻي بيدار آ
چا ٻڌايان آپدائن جو اثر

’لڪشمڻ‘ جي شعر ۾ شامل ٿئي
شل ستايل جي صدائُن جو اثر!

(٣٢)

بنا اظهار جذبي جي اُمالڪ ٿي نري ويندس
ڪسي ڏس تون قلم مونڪان، ڏسج پاڻهَن مري ويندس

سهارو سار تنهنجيءَ جو نہ جي حاصل ٿيو مونکي
اجاين عادتن ۾ يار، ڳٽتين ۾ ڳري ويندس

جهنم ٿي ھجي چاھي مگرجيسين ڏنو ناھي
ڪري ڏس تون منع مونکي مگر مان اُت وري ويندس

ٻڌي رکہ تون محبت جي ڪچن ڌاڳي جي بنڌن ۾
جدا توکان اگر ٿيندس، اصل ٻگڙي ڪري ويندس

سوا مونکان اگر ڪو ٻيو بہ توکي پيار سان ڏسندو
نہ پڇجنءَ ڪيئن حسد جي آگ ۾ پچري - ٻري ويندس.

(٣٥)

گهاوَ گھِرا ھاءِ يارن جي سبب
درد دانھوُن عشق وارن جي سبب

آدمي ڪمزور ڪيڏو ٿي ويو
جڻ ٽنين-ٽوٽين سھارن جي سبب

ڇو پلا مُنھن مھَڪ کان موڙي ڇڏيئہ
بس گلن جي چند خارن جي سبب

جيڪڏھن حاصل ٿيون آھن خوشيون
ياد رکجو - بيقرارن جي سبب

ٿي ويو آھي پري گھر کان گھڻو
دور جي دِلڪش نظارن جي سبب

ھاءِ - منھنجو ملڪ ٿيو مسڪين آ
ڪن گنھگارن ھچارن جي سبب

ٿو نھاري 'لڪشمڻ' موڳو بڻي
سونھن ڏي ڪنھن اعتبارن جي سبب.

(٣٤)

آپسي رِشتا اَلا،ڪيڏو هنر آ، ڇا ڪجي؟
هُن طرف جهنگل هِتي منهنجو هي گهر آ، ڇا ڪجي؟

رات جي اونداهہ رستن کي ڏسي ونبو، مگر
راهہ ۾ هو جڳمڳائيندڙ شهر آ، ڇا ڪجي؟

دشمنيءَ جي خوف بيداري ڏئي آهي ڇڏي
دوستن جو دل ۾ گهرو خوف-ڏر آ، ڇا ڪجي؟

ها سڪندڙ ڪيترا خالي هتين موتي ويا
زندگي ناڪام حسرت جو سفر آ، ڇا ڪجي؟

آنءُ عاشق سونهن جو، شبنم جوءِ سرهاڻ جو
پر نہ منهنجي ملڪ ۾ هڪ پڻ شجر آ، ڇا ڪجي؟

(۳۷)

ڏکيو ٿيندو جيئڻ ڪنهنجو اگر ڪجھ پيي چوان ٿو مان
خبر هوندي چرين وانگر ڪندو بڙبڙ رهان ٿو مان

حقيقت آ تہ آهيان مان سڪل پن وڻ سندو ليڪن
اگر چاهيان تہ آنڌيءَ جي چڙهي سر تي گهمان ٿو مان

عجب ڪي راز جيون جا سليندءِ شاعري منهنجي
ذرا هن ساڻ فرصت ۾ ملي ڏسجنئہ هلان ٿو مان

الا هستي اسان جي چڻ تہ برفيلو هماليہ آ
اکين مان وقت جي ئِي درد جي گنگا وهان ٿو مان

جتان مون بنسبت ڪا خبر ڪنهن کي ڪانہ ملٽي آ
گناهن جي هجومن سان الا رُلندو رهان ٿو مان

ٻڌائي ڪو ائين چو آ، ائين ئي آ تہ چا ٿيندو
اِهو سوچي ڪري ٿڪجي ءِ ٿڪجي چو پوان ٿو مان.

(٣٦)

جي هجين مؤجود مون وٽ ڇا چوان؟
دور جي توکان هجان ڪويتا چوان!

ننڊ ۾ تنهنجيءَ پوي جيڪر خلل،
ڇو نہ توکي ڳالهہ اهڙي ڪا چوان!

جي حقيقت ۾ نہ ماڻ پڙهڪي سگهيس
شاعريءَ ۾ سي سيئي اُڌما چوان!

غم، اُداسي، خامشي، تنهايون
مان اکر ۾ سندس ئي نقطا چوان!

شل وساري گيان جون ڳهرائيون
ٻالڪن جا ٻول ۽ چرچا چوان!

تو پڇيو آهي تہ آهيان ڪير مان
يار، تون ئِي چئہ ڀلا مان ڇا چوان!

جي لَڪائن لنگهہ تنهنجو 'لڪشمڻ'
سي سنيها ۽ سخن سؤڪا چوان!

(٣٩)

مؤت شايد ڪري پلو ھُنجو
نانگ جو ہر آ آسرو ھُنجو

ھاءِ ھڪ آس جو نشو ھُنجو
حال ڏس ڇا ڪري ويو ھُنجو

واقعي خوب ھو سٺو ماڻھو
پر نہ پڇجو تہ ڇا ٿيو ھُنجو

ڇو مٺائي ھليو ويو توکي
ڪجھہ تہ ھوندو ئي فائدو ھُنجو

عشق جون يار بس ھيون ڳالھيون
جسم سان ئي ھو واسطو ھُنجو.

(۳۸)

شخص کي ورلا ٻڌا آهن عميقن ۾، الا
آ ترڻ سؤلو، ٻڏڻ جي لءِ کپن ٿا حوصلا

کو مندر جي شور ۾ ويهي کندو آ التجا
کو وري وينو وٺي دلکش خموشيءَ جا مزا

ڏس گلابي گل ٽڙيو آهي وري هڪ شاخ تي
ڪنهن ڇيو توکي ڀلا آهي اسان سان هو خفا

دوستن مونکان پڇيو آهي تہ خوش آهين نہ تون
مان منجهيو آهيان تہ آخر سچ چوان کهڙو ڀلا

شکل درپڻ ۾ ڏسي پنهنجي پريشانؒ تي ويس
شکر آهي، اي خدا، تنهنجي نظر مون ڏي نہ آ

مان ڏسڻ ۾ جو اڇان ٿو سو ڀلا آهيان ڪٿي
کوڙ آهيان مان ۽ منهنجا مرڪ سان هي واسطا.

(۴۱)

گهڙيون به دِل ۾ اوهان جي اگر رهي ويندس
هزارين جنم پلن ۾ جڙڪ مان جي ويندس

سنڀالي واسُ رکج منهنجي قربتن جو تون
سياڻي خاڪ بڻي آن ۽ مان تي ويندس

جلايو آهي انهيءَ اُس ايترو جو مان
سڄي جهان جي وحشت کي ڪِن ۾ پي ويندس

قسم اٿيئي متان منهنجي اوٽ ۾ تون وهين
ڪچي مڪان مثل، هاءِ مان ڍهي ويندس

وِڇايان راهه ۾ تنهنجي جڏهن اُجالا مان
ڇهي سگهين نه ڏئي توکي هڪ چُمي ويندس.

(۴۰)

سپ تہ خواهشون زنداني نوڙا آهن
وچندڙ ڪيڏا سخت هٿوڙا آهن

ڪو ڪو انترمُکي اِنهن کي هضم ڪري
شبد سِکيا جا هوندا ئي ڪوڙا آهن

ڪوبہ نہ ٻڌندءِ، چو ٿو وقت وڃائين تون
يار حَوَسَ جا ڪن تيندا ٻوڙا آهن

ڪوئي چو ٿو ڏکہ کي سکہ کان الڳہ ڪري
دنيا ۾ هر ڳالهہ جا ڏِس جوڙا آهن

چاهہ چوچ سان گهمندو ڪر تون يار هتي
دل جا رستا لنبا ۽ چوڙا آهن

سوچي سمجهي پوءِ اِنهن ڏي اکہ کڻجانءِ
اڇائون کي طوفاني گهوڙا آهن.

(۴۳)

مست کي ڪجھ ڏي قديمي جام سان
لنوَ لڳي، اي ڪاش، ازلي نام سان

هو فقط نالو لبن تي رام جو
پيو ڪوئي ناتو ڪٿي هو رام سان

ڪم ڪرڻ جو حق مليو آهي فقط
واسطو ڇو تو رکين انجام سان

پيٽ جي بکہ لءِ بکئي اِنسان کي
هو مِلائي ويو هليو گلفام سان

ڪن کي ڪا لالچ ڏئي، وعدا ڏئي
خوش ڪيا ويا شخص کي انعام سان

حوصلو، جذبي هجڻ سان تو ملي
سڀ مِلي سگھندو نہ آهي دام سان

ڪر دعائون ڏيءُ جو مڱڻو ٿئي
مان بہ سمھندس خوب پو آرام سان.

(۴۲)

اگر نہ ٿئي محنت جو ڳُڻ
وينو خواب اپوڳا اُڻ

ڇا نالو - ڇا ڳڻ - اؤڳڻ
ڏسبو آ ماڻهوءَ جو ٻُڻ

پل پوکي اڄرا - اُجرا
پوءِ پکل سپ پوکون لُڻ

گوهي گڏهڻ کين کئي
هن جي هٿ ۾ هئو لڪُڻ

کلک وهائج پوءِ کوي
اڳہ صاحب جو سڏڙو سُڻ.

(۴۵)

آرسي سامهون رکي خود ساڻ پرچي ڏس ذرا
سيِ غصو ڪافور ٿي ويندءِ تون مرڪي ڏس ذرا

ياد مونکي تو ڪيو فرصت ملڻ ڪانپوءِ آ
هاڻي مون وٽ وقت ڪونهي تون ٻه تڙپي ڏس ذرا

ڪنهن ٻه محنت جو نتيجو ڪونه ٿو ويرٽ وڃي
ڦل جي خواهش کي رکڻ وارا تون ترسي ڏس ذرا

رام جهڙي رام، چاتو ڪين ڇا ٿيڻو سيان
تون ٻه سرجڻهار سان ٿورو ته سرچي ڏس ذرا

لڪ کڻي سمجهاءِ ڪنهنکي ڪو اثر ٿيڻو نه آ
تون ستل ڪنهن روح جو آواز ٻڌجي ڏس ذرا

لڪش لحظي منجهه حاصل ڇو نه ٿيندءِ 'لڪشمڻ'
ياد ۾ هن يار جي اي دل، تون ڏڙڪي ڏس ذرا.

(۴۴)

مونجهارن، ٻٽتين ۽ ڏکين سوالن ۾
ڇڏي ويو آهين ڏس کهڙن حالن ۾

اڄ منهنجي پاڇي پڻ مونکي صاف چيو
مان توسان گڏ هلندس مگر اُجالن ۾

هت ۾ گُلَ ۽ مذر چپن تي چنچلتا
توکي شايد يار ڏنو تم خيالن ۾

جيڪو پاڻ نہ ٻڌي سگهيو ڪجهہ جيون ۾
آڳہ لڳائي آيو آهہ مثالن ۾

هن هڪ ننڍڙي عرصي ۾ اِتهاس رچيو
اسان ڪيو ڪجهہ ڪين هيترن سالن ۾

چو تو ويچاري کي ايڏو شرمائين
جاچي هن کي سچ جي سخت حوالن ۾

پاتم اُن کي پڻ ناموسيءَ جي زد ۾
جنهن آکيو پئي آهہ رکيو چا نالن ۾.

(۴۷)

ٻولا - ٻيڊ ٻلائي سارا
اڇ تہ وٽون هڪ ٻئي کي پيارا!

ٻڳل ٻورڙا هي دلوارا
هوندا ئي آهن ويسارا!

اُس کان ڇرڪي ڏنم وٽن ۾
ويٺا ها پاڇا ويچارا!

سڪ جا ڪانڪي حيرانْ - حيرانْ
سونهارا ڏاها ڏکيارا!

رهندا آهن صرف رات ڀر
من جي پاڪر ۾ انڌيارا!

لفظن جي معنيٰ، مطلب جا
اُٺي ويا شاعر اُجيارا!

(۴٦)

نظر آهي تہ آهي دور اُجيارو متان سمجھو
هميشهہ لاءِ رهندي رات - انڌيارو متان سمجھو

اگر ساگر اڳيان هن هٿ نہ ڦهلايو هئو پنهنجو
اُڃارو ڪونہ هو اِنسان ويچارو متان سمجھو

اسان عزت - ادب صدقي اگر خاموش ويٺا هون
اسان جي وات ۾ جيڀ ڪانہ آ، يارو، متان سمجھو

اصل اسٽان ۽ سوروپ، پنهنجو ياد آ مونکي
سڃاڻان ٿو تہ آهيان ڪير ويسارو متان سمجھو

هجي احساس جي دولت هجي آسودگي دل جي
فقط پئسو هجڻ سان شخص سوڀارو متان سمجھو.

(۴۹)

ڏن - دؤلت ناهن شهرن ۾
پر خود کي ڏاهن شهرن ۾

هڪ ٻئي جي صورت لءِ سڪندا
رهڻ لڳا آهن شهرن ۾

بارُ ٻڌي آ ناداني جڻ
ٽڪي ڪري لاهن شهرن ۾

سچ جو دامن سوگهو تن وٽ
جي رهندا ناهن شهرن ۾

ڳوٺ ۾ جهومن سنگن سان گڏ
ويڳاڻا آهن شهرن ۾.

(۴۸)

بس هجر جو هڪ سبب اُنماد آ
موت شيرين زندگي فرهاد آ

بي رُخي ڏيئي بہ پائي پيو دُعا
چا غضب جي چيز هي اؤلاد آ

سال اڳہ جا تو چئي هي ٽُڪ ڳُٽل
ائَن لڳي تو اڄ بہ مونکي ياد آ

پيار جا ٻنڌن مڏر ٽوڙي بٽيو
موت جي لءِ منتظر، آزاد آ

هر گهڙيءَ جنهن درد کي دعوت ڏني
زندگي ۾ شاد ۽ آباد آ.

(٥١)

پلي هوُ بيزبانْ آهي، نظر کي رنج ٿيندو آ!
وهي ٿو رتُ اگر ناحق خنجر کي رنج ٿيندو آ!

ڏسي لاچار رشتا سانت ۾ ڳوڙها وهائي ٿو
اڱڻ ۾ ڪا ڏسي ديوار گهر کي رنج ٿيندو آ!

نہ ڪوئي خط نہ ڪو قاصد لنويو ڪو ڪانگہ پڻ ڪونهي
صدين کان بند هن منحوس در کي رنج ٿيندو آ!

اڱيان ماڻهو، اڱين چاهت اڱيان انداز پڻ چا ها!
ڏسي هي ملهہ اجوڪا هن نظر کي رنج ٿيندو آ!

هي ساوا پن هوائون ۽ گلن سان مهڪندڙ ڏاريون
پکي هڪڙو نہ اُن تي آ شجر کي رنج ٿيندو آ!

ويا سڀ ڪوهجي هن شور جي بازار ۾ ماڻهو
بنا هڪ روح تنها جي شهر کي رنج ٿيندو آ!

مَتان گم ٿي وڃي ڪَڏ داد جي، هن اکر جي معنيٰ
نہ سمجهيو ويو اگر آهي اکر کي رنج ٿيندو آ!

(٥٠)

خوش هو تہ منهن تي صاف ڪليل سچ چئي ويس!
دل ۾ مگر عجيب تحلڪو مچي ويس!

منهنجو خيال هو تہ بچايو آ مونکي هُن!
هن کي هئو ملال تہ مان ڪئن بچي ويس!

بکہ جي سبب ضمير کي وِڪڻي پيو اچان!
اچ مان بہ ڏس نہ ڪِئن نہ سين جهڙو ٿي ويس!

يارن ۾ صرف ڳالهہ شرافت جي ٿي هئي
ٻڌندي نہ جاڻ ڇاڪون اِئن منهن لهي ويس

اِنسان ٿو بڻائي اچي درد ڪجهہ ڳهڙيون
دائم مليو تڏهن تہ مان شاعر بڻي ويس.

(٥٣)

کيڏا تو سواس خرچي کپايئہ حساب ڏي!
مالک جي کيڏي مهر مَٽايئہ حساب ڏي!

هي ساهہ مليو توکي امانت مِثل، مِٺا!
سهڻا، اڏارا وڙجي وڃايئہ حساب ڏي!

رڻ پٽ جيِ ريت - رڃ اندر اِئَن رُلي - رُلي!
کاٽي مِٺا تو ساهہ سکايئہ حساب ڏي!

چنتا، منجهارا، مشکلون ويڙهي مٿي مٿان!
دونهين جا کش کڍي جي اڏايئہ حساب ڏي!

حسرت جي حادثن ۾ پچي ء پري - پري!
لاکيڻا کيڏا لعل لٽايئہ حساب ڏي!

خواهش کُٺيءَ جي خام خياليءَ ۾ خاک ٿي!
جيوت جا جوش - جلوا - جلايئہ حساب ڏي!

مطلب جي مورچا مُئي کارنهن جي کرت ۾!
سچ کيترا ء کوڙ کمايئہ حساب ڏي!

ڏاتر جي ڏنل چند ڏينهن مجي امانتي
دامن تي کيڏا داغ لڳايئہ حساب ڏي!

(۵٢)

ڏنا جي عيب مون پنهنجا ڪوئي جواب نہ هو!
اوهان جي ڪرم جو مونتي مگر حساب نہ هو!

چڱو ٿيو جو ڏيو پاڻهي وِسامي ويو!
هوا جي رخ ۾ تہ ورنہ ادب-حجاب نہ هو!

ائين تہ چئجي ڪٿي ڪوبہ اختلاف نہ هو
اسان ۾ رِشتو هو ليڪن اهو شباب نہ هو!

لڳا ڇو ايڏا نرالا، سنا، مڏر ٻالڪ؟
انهن اڳيان تہ ڪڏهن - گيان جو ڪتاب نہ هو!

اهو ئي ماڻهو لڳو آهي خاص هرڪنهن کي
زماني ليکي رهيو جيڪو ڪامياب نہ هو!

جڏهن تو درد جي دؤلت ڪئي عطا مونکي
ڪوئي بہ درد نہ هو، غم نہ هو، عذاب نہ هو!

بنان ڪجھہ ٻڌائي ٻنا موڪلائي
هليا ٿا وڃن ديس ڪهڙي الائي!

سمهاريو ويو آ ٻڪيو ٻاروڙن کي
اُهائي پرين جي ڪهاڻي ٻڌائي!

خبر ٿس تہ، ڪوئي نہ ايندو تڏهڻ پڻ
ڇري روز وِهندي اٿئي گهر سجائي!

چراغن مثل مدتن کان جليون هِن
ڪوئي ڪاش اڄ اکڙين کي ٻجهائي!

ڇوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو آ تفاوت
هٽي هام هرڪو، مگر ڪو نڀائي!

سندس پوئلڳہ ٿِي ڪندا ناس هنکي
ڪوئي آهہ جو ديوتا کي بچائي!

اياڻا بلاشڪ نہ سمجهائي سگهندءِ
مگر گيان وارا ڇڏيندءِ منجهائي!

انڌيرو ڏِسي در سندي تي سوالي
اَجالو ڏنوسين اِجهو، گهر جلائي!

اسان لءِ تہ 'لڇمڻ' اکر آسرو آ
اکر جي اَگهي روشنيءَ تي رسائي!

تنهائين جي مُد پري فرصت هئُڻ کپي
مايوس ٿي رهڻ جي ڪا عادت هئُڻ کپي

شاعر اکر جي زور تي مشڪل بڻي سگهيو
جذبات ۾ جنوُن يا وحشت هئڻ کپي

منزل ملڻ ۾ دير لڳي، فڪر ڇو ڪجي
اِنسان ۾ هلڻ جي شرافت هئڻ کپي

هرڪو مهاندو هن جي مهاندي جو نقش آ
تنهنجي نگاهہ ۾ ڪائي صورت هئڻ کپي

آواز اختلاف اُٿارڻ کپي مگر
اُن کان اول اسان ۾ ڪا طاقت هئڻ کپي

ڪارج سڀيئي راس ٿيڻ ۾ نہ دير آ
تنهنجي نظر جي صرف عنايت هئڻ کپي

سکہ سهنج ايترا بہ تہ ماڻڻ نٿا سُنهن
ڏکہ جي بہ آدميءَ کي ضرورت هئڻ کپي

مايوسين جو ميڙ متاثر متان ڪري
من ۾ ڪا اهڙي مونجهہ، گهجهارت هئڻ کپي

ڇو يار 'لڪشمڻ' تو پڇي آئينو ڇڏيو؟
خود کي ڏسڻ جي ڪا تہ سهوليت هئڻ کپي.

(٥٧)

حقيقت هون يا افواه هون يا ڪوئي حادثو آهيون
ذرا سمجهاءِ او خالق ڪِٿان جا هون ۽ ڇو آهيون

اِهو ويچار ايندو آ اسان جي زندگي چاهي
سڦلتا جو يا منزل جو يا ٻيو ڪوئي نشو آهيون

اچي ڪوئي ڪٿان شايد لکي نالو سندم سهڻو
سڪايل ڪنهن نظر جو منتظر ڪورو صفحو آهيون

اگر دنيا. لڳي توکي هميشه يار بي معنيٰ
اسين پڻ ڪنهن اُداسيءَ جو عجب هڪ ذائقو آهيون

اسان وٽ عيش جي ادنا غلامن جي جڳهه ناهي
غمن جي غيب سان ڀرپور تنها تعلقو آهيون

نه ٽيو آهي نه ٽيڻو آ صدين کان فيصلو جنهنجو
عدالت جو منجهائيندڙ عجب ڪو معملو آهيون

نه پڇجانءِ 'لڪشمڻ' هيءَ عمر ساري ڪٿ گذاري آ
اسان هِن زندگيءَ جو تلخ هڪڙو واسطو آهيون.

(٢٠٠١ ۾ ڪڇ ۾ آيل زلزلي بنسبت)

برباد ٿيل گهر جاڳن پيا اڃا ڏس
اُميد جا عناصر جاڳن پيا اڃا ڏس!

هٿ خواب لکڻ وارا ڦٽجي، ٽٽي ڇڄي ويا
پڪڙيل ٿي ڪريل ڪاڳر جاڳن پيا اڃا ڏس!

منحوس خواب ڏسندي پاسو زمين بدليو
ڊپ خوف جا نِشا-چر جاڳن پيا اڃا ڏس!

ڏسندي چڪيا جي جوالا ويران نگاهن ۾
ماضيءَ جا مست منظر جاڳن پيا اڃا ڏس!

سيني ۾ چير وجهندڙ چيخن تہ چپ ڪئي پر
هيسيل هي گهر، دريون، در جاڳن پيا اڃا ڏس!

اُجڙي ويا اچانڪ سڀ خواهشن جا ڏيرا
اکڙين ۾ آب ٿي ڏر جاڳن پيا اڃا ڏس!

قدرت جي قهر جي هن مؤسم مٿان هِراسيل
پيلا اُداس امبر جاڳن پيا اڃا ڏس!

بابا، اَمان يا ڀائو ڪوئي تہ ورڻ ايندو
آسائتا هي نينگر جاڳن پيا اڃا ڏس!

آغوش ۾ اجل جي سُندري سمهي پئي پر
ٻانهن ۾ سندس زيور جاڳن پيا اڃا ڏس!

مستين ٿي مزن ۾ مخمور ٿي ويا سڀ
بيزار - ڊِگهل - بيگهر جاڳن پيا اڃا ڏس!

سمپاوَناجو سورج چاهي لهي چڪو آ
آشا جا تِرورا پر جاڳن پيا اڃا ڏس!

دنيا جي ڳالهہ ٻي آ، شاعر جي شاعريءَ ۾
احساس جا هي اڪثر جاڳن پيا اڃا ڏس!

(٥٩)

احساس ۽ اُمنگ پريو انجمن هُئو،
ماڻهوءَ ۾ سوچ جو عجب جهڙو فن هُئو!

ويران هن جڳهہ تي اچي ڇو بهِي ويس،
سچ ٿو چوان تہ يار، هِتي ئِي چمن هُئو!

پردو حيا جو شرم جو، پو ذڪر ڪئن ڪري،
نظرن اڳيان اُگهاڙو سندس ئي بدن هُئو!

اکڙيون اُداس ڳل تي بہ ڳوڙها ڳڙي پيا
يادن ۾ منهنجي، منهنجو ئي پيارو وطن هُئو!

واعظ ٻڌڻ جو توکي بهانوڪٽي ڪيم
ساري ڄمار منهنجو نياپن ڏي ڪَنُ هُئو!

دنيا کي براين کان بچڻ جو چوي تہ ٿو
خود گهر بُرائين جو مگر ’لڪشمڻ‘ هُئو!

چو تي پل پل دل گهبرائي کو نہ ٻڌائي
ڇاتي چيريندڙ غم ڇاهي کو نہ ٻڌائي

اسين ڪٿان هت آيا آهيون کهڙي ڪارڻ
وڃڻو آهي ڪٿي الائي کو نہ ٻڌائي

ڪڏهن نہ ڪوئي دانهن درد جي ٻڌي اچي ها
ڪوئي ڪيسين پيو ٻاڏائي کو نہ ٻڌائي

ڪاش ڪٿي ڪا منزل، مقصد ڪجهہ تہ هجي ها
ڪيسين ڪو واٽون واجهائي کو نہ ٻڌائي

جئڻ مرڻ يا سکہ-ڏکہ سڀ آ هنجي وس ۾
آخر منهنجي وس ۾ ڇاهي کو نہ ٻڌائي

هڙڪو ڇاٽي ٿو دل تي کو زور نہ هلندو
چو ٿي پو دنيا سمجهائي کو نہ ٻڌائي

ٿي نہ سگهيو هڪڙو پڻ ڪنهنجو سپنو ساپيا
ڇاکون ڇاتيءَ ساڻ لڳائي کو نہ ٻڌائي

هيڏو هيسيل هيءُ ويچارو سچ جو پانڌي
پل پل چو ٿو پيو پڇتائي کو نہ ٻڌائي

ڪنهن کي ڪويل اِئن صدين کان سڏي رهي آهي
چو ٿي ايڏو شور مچائي کو نہ ٻڌائي

ڪٿي گذاريندو آ 'لڇمڻ' اُداس شامون
گهر موٽڻ ۾ دير لڳائي، کو نہ ٻڌائي.

(٦١)

زندگي ضد تي چڙهي هڪ ٻار وانگر ٿي وئي!
آس جا دلڪش ڪِلوٽا ملندي ئي پرچي وئي!

اِئن وساري آ وئي موجودگي منهنجي هِتي
جڻ تہ پاڻيءَ مان ڪڍي آڱر، جڳهہ پرجي وئي!

پراڻ روپي ڪونجڙيون آڪاش ۾ اُڏري ويون،
ڪوُڪ تنجي تار جي پن پن تي پر رهجي وئي!

ڪر ڀروسو وقت سا ڳيو ڪونہ ڪو رهندو ڪڏهن،
موٽ جهڙي هئي گهڙي پر شڪر آ گذري وئي!

زور ڪنهن پڻ ڳالهہ تي ڪنهنجو هليو آهي ڪٿي
آرزو ويچارڙي بيوس بڻي سمجهي وئي آ!

هاءِ، هيءَ اِنسان جي زنده رهڻ جي آرزو
پياس جي ماري هزارين زهر پڻ اڄ پي وئي!

آدميءَ جي آبرو ويئي وِڪامي 'لڪشمڻ'
هاءِ ليڪن ڪِئن ٻڌايان، ڪيتري سستي وئي!

(٦٠)

جڳن جڳن کان ويٺي لوئي
خواهش خواهش پاڻ نِچوئي

سوچيان وينو چو نہ تکو هان
مان اکرن کي ڍوئي-ڍوئي

کير آ پلا جو صدين کان
منهنجي اندر وينو روئي

ماسو پر شل مال ملي ها
هي سارو جڳہ کوئي-کوئي

چنڊ ڏسي هڪ پاڳل نينگر
صبح شام پئي منهڙو ڌوئي

'لڇمڻ' کوئي شعر چئي ڏس
اکڙيون لڙکن ساڻ ڀڳوئي.

(٦٣)

منهنجي پويان ايندو هو!
ڏسندو آهيان پاڇو هو!

هردم چو اِئَن لڳندو آ
ڪمري ۾ گڏ ٻيو ڪو هو!

سڄن - سڄن ديوارن ۾
ڪنهن ناهيو آکيڙو هو!

سوچي - سوچي تڪجي پيس
اِئَن ڇو هو ۽ هِئَن ڇو هو!

مندر خالي خالي پر
ٻاهر پريو وينو هو!

مون جنهن کي ماريو آهي
ڇا سچ ۾ هو ٻيو ڪو هو؟

پاڻ وساري ويو 'لڇمڻ'
شايد ڏاڍو تڪڙو هو!

(٦٢)

پنهنجو پنهنجو اي ڪاش، پايان ڪٿي مان!
ٻڌائيم ڪوئي تہ آهيان ڪٿي مان!

الا ڪيترو شور ۽ پيڙ آهي،
ٻہ ڳوڙها، ٻڌايو، وهايان ڪٿي مان!

ڏسو درد دل جو وڏو ٿي ويو آ
لڪائي ٻہ گهر ۾ لڪايان ڪٿي مان!

اچي حسرتن آهي ديرو ڄمايو،
پريل گهر ۾ توکي وهاريان ڪٿي مان!

پکڙجي وڃين ڪيترو فاصلن ۾،
سنيهو ننڍو هڪ ٻڌايان ڪٿي مان!

(٦٥)

پيو ڪندو ڪارا پنا معلوم آ،
شاعريءَ جي واسنا معلوم آ.

ايتري يي چو ڇُپي جو گهاءُ ٿئي؟
ها، ضروري آ اَنا، معلوم آ!

چو بٽيا گمراھ پو يي ڪيترا،
رجّ آهي خود ثنا معلوم آ!

دل کي هرڪائڻ برو ناهي مگر،
سر ڳہ آهي ڪلپنا، معلوم آ!

ها، پتو تنهنجو مليو مونکي هتان،
پل هجي راهِہ فنا، معلوم آ!

’لڪشمڻ‘ پلجي بہ وندرائي نہ دل،
شبد آهي ساڏنا، معلوم آ!

(٦٤)

ڪري نہ خاڪ چڏي، ٽورڙو ٻري ڏسجي!
تمنا آگ اٿي بس مٺاچري ڏسجي!

لڪل رهن ٿا ڪَئين شخص شخص جي اندر،
تڏهن تہ شخص ڪي يارو وري وري ڏسجي!

وجيس ير ۾، ڪنڊءِ خوب روح جون ڳالهيون
دريءَ مان ويهي چوڪا سرڳہ جي پري ڏسجي!

اندر ۾ رحم جو جذبو خُدائي ذات آهي
اکين مان درد جو ڳوڙهو بڻي ڳڙي ڏسجي!

چون ٿا خاڪ ۾ داڻو ملي ملوڪ بڻيو
هجي نصيب جي جيئري ئي شل مري ڏسجي!

اکين جو- روح جو ٽڪ سارو دور ٿئي جيڪر
نديءَ ۾ پير وڌل ڪائي سندري ڏسجي!

غمن ۾ آدمي اِنسان ٿو بڻي 'لڇمڻ'
اي ڪاش، درد جي ڏرتي هِريِ-پِريِ ڏسجي!

(٦٧)

محبوب تنهنجي ياد پلائي ڇڏي اَٿم!
دل ۾ غمن جي ڏوم مچائي ڇڏي اَٿم!

دونهين ۾ ٻڏل لوُءِ نہ ڏِنو تي ڪو سوجهرو،
اِنهيءَ ڪري ئي شمع وِسائي ڇڏي اَٿم!

توڪان الڳ تيس تہ سهي، پر لڳيم تو،
جڻ چيز بي بها ڪا وِڃائي ڇڏي اَٿم!

خواهش جي خوفناڪ جهنگل ۾ رُلي پني،
مايوسين جي چٽنگ لڳائي ڇڏي اَٿم!

سوچيان تو ڇا پلا ڪبو بازار ۾ بهي،
موُڙِي جا ڳنڍ ۾ هي- کپائي ڇڏي اَٿم!

(٦٦)

پل دنيا سان ياري رک!
دل ۾ پر بيزاري رک!

ماڻ مزو پو منزل جو،
رشتن ۾ دُشواري رک!

ٻُڌ، هڪ بري خبر چُپ ۾،
دل تي پٿر ڀاري رک!

جي رشتا پختا چاهين،
ممتا پوري - ساري رک!

پل هرڪنهن تي ويسهه ڪر،
نظر مگر چؤڌاري رک!

شعر ٻڌائي مزو وٺاءِ،
اِن خدمت کي جارِي رک!

نادانيءَ سان گڏ 'لڪشمڻ'،
ٿوري دنياداري رکُ!

(٦٩)

خوب لازم هئو وڃائڻ پيار سان
ڪنهن نہ پاتو ڪجهہ ڪڏهن تڪرار سان

ڇا ٻڌايان حال ڪهڙو ٿيو هئو
مون مِلائي هي نظر هڪ ٻار سان

نند هئي يا هو ڪوئي گهرو نشو
پيو تہ ڇا رشتو هئو سنسار سان

زهر جي ڌارا هجي جي خون ۾
ڇو هجي ناتو ڪوئي تلوار سان

مارجي ڇو، حملو ڪنهن تي ڇو ڪجي
جي پڄائي ٿو سگهين للڪار سان

شاعري جا علم ۾ گم ٿي وئي
ڪانہ وابستہ هئي اِظهار سان.

(٦٨)

ڪجھ شرمائي ڏِس تہ سهي
لڙڪ وهائي ڏِس تہ سهي

مونکي پلائڻ چاهين تو؟
ڇڱو پلائي ڏس تہ سهي!

هن جي يادين سان دل کي
روز سجائي ڏِس تہ سهي!

تو جهڙو ئي آ، هنکي
تون پرچائي ڏِس تہ سهي!

ڪڏهن ڪڏهن آئيني سان
نظر ملائي ڏِس تہ سهي!

خواهش کي مايوسيءَ کي
ڇٽنگہ لڳائي ڏِس تہ سهي!

’لڪشمڻ‘ موڊ نهي پوندءِ
ٽهڪ لڳائي ڏِس تہ سهي!

(٧١)

ايندي رهي آ ياد پلائڻ ڪانپوءِ پڻ
جلندو رهيو چراغ وِسائڻ ڪانپوءِ پڻ

بخشيش جي سنڀال ڪو وِرلو ڪري سگهيو
خالي رهيو پلاند هو پائڻ ڪانپوءِ پڻ

ڇا لءِ بڻيو آ ڪو ائين تنها ۽ دربدر
رشتا سمورا خوب نڀائڻ ڪانپوءِ پڻ

هنڪي هزار بار ڀروسو ڪندي ڏٺم
دوڪا فريب هرگهڙي کائڻ ڪانپوءِ پڻ

دل ۾ تہ هنجي ڪوبہ بڻائي نہ گهر سگهيس
دولت جو خوب زور لڳائڻ ڪانپوءِ پڻ.

(٧٠)

منهنجو ڪرتب شعر چوڻ
تنهنجو ڪم آهي سمجهڻ

مجبوري آ پيار تيڻ
وس ۾ ڪنهنجي آ ترڪڻ

اَڇرو اجرو اڇي اڳيان
برڪت سان پرجي باسڻ

موُر بڻائج هِن پيري
صاحب جي در جو پاهڻ

پيريءَ تي پهچي وياسين
هاڻي بس آهي سنبرڻ

وِرلن ڪي ٿو سينگاري
تنهائيءَ جو آپوشڻ

ٻُڌي جڏهن هو يار ٻُڌي
فرض اسان جو آ آکڻ.

(۷۳)

دنيا مونکي وَٽي متان
ترت خدا پو ڪٽي متان

ڪيڏو ٻَٽتيءَ ۾ وينو
ڏِسي داغ ۽ ٻَٽي متان

سوچيو آ پيءَ - مون جهڙا
گهر واري ڦر ڄٽي متان

هٿ اولاريو آهي پُٽ
۽ اُمالڪ هٽي متان

ڪوڙا ڏاهن کي ڏاڙهن
يارو اِئن پڻ ٻٽي متان

پوءِ پيا ڳوڙها ڳاريون
ڪوئي ايڏو وٽي متان.

(۷۲)

موج مچائيندو آهي من
پر لوڙائيندو آ جيون

ڪارا تنهنجو نالو ڪٽندي
اُجروتي پيو منهنجو دامن

ديوارون ٿوڙيون تہ سهي پر
ٻُسو - ٻُسو آ يارو آنگن

فقط نِشاني تي جنهنجي اڪ
جڳہ ۾ اهڙو ڪو ارجن

منهنجي لاءِ عبادت آهي
دنيا لاءِ ڪوِتا آهي فن

ڳالهائي ٿو ءُ سو پڻ سچ
سچ ۾ پاڳل آهي 'لڪشمڻ'.

(٧٥)

گهڙي ڪن نشو يا خماري رهي ٿي!
مگر پو فقط شرمساري رهي ٿي!

ملڻ لاءِ توسان فقط منتظر ڏس
قبر زندگي پر ڪنواري رهي ٿي!

وڇو واسنائون، ڪو ڀيو گهر وسايو
هتي ڪا عجب بي قراري رهي ٿي!

اسانجي اِچائُن جو ڪارڻ آ جيون
اِچا ساڻ ئي عمر جاري رهي ٿي!

گلن جي وزن ساڻ ڪڏهن ڪانه ڪِرندي
جهڪيل خوب ها خوب ڏاري رهي ٿي!

اچو شاعريءَ جي چمن ۾ اچو سڀ
اسان وٽ هميشهه بهاري رهي ٿي!

(۷۴)

اوهان جي يار، طوفانن ۽ واچوڙن جي بستي آ
اسانجي پڻ سڪل هڪ پن مثل مجبور هستي آ

محبت جي ڪائي قيمت مقرر ٿي نہ سگهندي آ
مِلي هيءَ جنهن بہ قيمت تي اُنهيءَ قيمت تي سستي آ

اسانجي بيخودي ڪنهن مئڪشيءَ تي منحصر ناهي
اسان وٽ روح جو روشن عجب اِمڪان، مستي آ

اُنهيءَ کي ليکجي چو مرد جنهن وٽ درد ئي ڪونهي
اگر مونکي مجين هي غم غضب جي تندرستي آ

اچي ٻارن چيو : بابا کِلونا ڪونہ ٿا گهرجن
هنن کي ٿي وئي معلوم منهنجي تنگدستي آ

اُها ساڳي اُداسي ۽ وري ساڳيو اُهو ئي غم
نہ ٿي جي چين پائي دل، نہ پائي، زبردستي آ؟

(٧٧)

آشائن ۾ پڄين پُرين ٿو
ٻٻرن کان تون ٻير گهرين ٿو

تنهنجو اُپرڻ ڏاڍو مشڪل
ٻنان لهڻ جي ٿي اُپرين ٿو

راکو رام ٿئي شل تنهنجو
پڪي نہ هوندي پڻ اُڏرين ٿو

صدين کان اندر ۾ ويهي
پيڊ ٻٽي کو ڪير کُرين ٿو

هاءِ زندگيءَ جي پڄري ۾
ڦٿڪي چپ چپ چُرين پُرين ٿو

ڪنهن سان ناتو جوڙيو ٿئي جو
اکيون ملائين ٿو تہ جُهرين ٿو.

(٧٦)

هيءُ جو گمان مونتي هئو تنهنجو شڪُ هئو
جڏهن تنهنجي بي پناهہ محبت جو ڊُڪ هئو

ڇو منهنجي زندگيءَ کان ڪنارو ڪري وئين
تنهنجو تہ منهنجي موت تي بہ يار، حق هئو

سچ آ تہ هن ۾ عيب ها، ڪمزوريون هيون
پر شخص لاجواب هو، ياريءَ جو نڪُ هئو

منهنجو ٻچڻ لڳي ٿو نهايت محال آ
ڪنهن اوپري جو ڪونہ هو، پنهنجي جو ڌڪُ هئو

جيئامرُو پرندو شڪاريءَ جي جار ۾
منهنجيءَ حيات هئي ۽ خواهش جو ڇڪُ هئو

پُرلطف موت پائي ويچارو سمهي پيو
آخر تہ زندگيءَ جو خطرناڪ ٿڪُ هئو.

(٧٩)

هئڻ جو هاءِ هي صدمو جگر پل پل جُهري پيو ٿو
اندر ۾ اهنج جهڙو ڪجھ الا ڪيڏو ڪُري پيو ٿو

اڳي جي ڳالھ ڪجھ بي هئي، اٿل اونچا اِرادا هئا
اجوڪو ڀُرڪٽو ايمان ڏس ڪِئَن ڪِئَن ڀُري پيو ٿو

ڏسڻ سان اِئَن لڳي ٿو جڻ ايامن ڪان اٿل آهي
هيِ پربت جاءِ تان پنهنجي مگر پل پل سُري پيو ٿو

ڀلا هِن ڪان وڏو ڪنگال پيو ڪو ڇو هجي جڳ ۾
مليو جنهن کي هئو سيڪجھ اجا پڻ ڏس کُهري پيو ٿو

عجب ڪنهن آڳ جو اهڃاڻ آهي هيءَ اُداسي پڻ
دونهون هر ڍير ۾ رک جي مبارڪ آ، ڇُري پيو ٿو

ڏسو ڪئن اٿانگين حالتن جي اِن ترازيءَ ۾
عقيدو آدميءَ جو هر گهڙي، هر پل تُري پيو ٿو

عدم جي ملڪ ۾ ويندو الائي ڇا کڻي ويندو
هزارن جي حسابن ۾ چريو خود کي ڦُري پيو ٿو.

(٧٨)

تنهنجا اکر نہ اُکلن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟
ڪاڳر ڪتي نہ پهچن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟

تنهنجن خطن تي ڪوئي نالو پتو ئي ڪونهي،
هِت - هُت پيا ٿا پتڪن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟

عرصي کان شانت اُجڙيل سنسان بند گهر ۾
چمڙن جا پَرَ ٿا ڦڙڪن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟

ڪيڏا ۽ ڪيستائين ڳولهي پِلا نِڪاڻا؟
پيا ڏس پتا بدلجن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟

خط ختم ٿئي کو تيسين قاصد تہ ڪونہ وِهندو
توکان نہ لفظ ليکجن قاصد جو ڏوهہ کهڙو؟

عقيمن جو آهيان اڪيلو مان داڻو، اجان ياد آهي
اَزل کان اسانجو سو اصلي اباڻو، اجان ياد آهي

سڄي رات روئي پُسائڻ وِهاڻو، اجان ياد آهي
تصور ۾ توسان سفر شاعراڻو، اجان ياد آهي

وطن کان پري هِتَن اسانجو جياپو، الا حيف آهي
مگر ڳوٺ ۽ ڳوٺ جو ڪو نماڻو، اجان ياد آهي

چڙهي نفس جي ورِ نڏڪا ٿياسين، حقيقت آ ليڪن
عمر مارئيءَ جو قصو عاشقاڻو اجان ياد آهي

جهڪو سوجهرو هو سُواسن ۾ ليڪن هُئي سار تنهنجي
فراقن ۾ ديپڪ اَلا ڪِئَن اُجهاڻو اجان ياد آهي

پسيني جي پوشاڪ پائي جيئَڻ جو هئو عهد جنجو
سندن ڳالهين ۾ اثر عالماڻو اجان ياد آهي

اُهو صبح نرمل اُها شام رنگين هتن ۾ هئو هٿ
اُهو خوبصورت اسانجو نِڪاڻو اجان ياد آهي

هوائُن جون لهرون سنڌوءَ جي ڪناري جي پر ساڻ پيلو
ڏيئو، آرتي، جهانجهہ، پرڀات-تاڻو اجان ياد آهي

بي آنسون افسانا ها
درد بنان ديوانا ها

ڪوئي پڻ مؤجود نہ هو
يادين جا بختانا ها

دوڪا ڪائڻ شؤق هئو
ماڻهو فقط بهانا ها

سوچ - سمجهہ هوشياري هئي
بي -غم ها، بيگانا ها

الا، مئڪشي صبر-طلب
ٿئل مگر پيمانا ها

تو تہ ڏِنا سڀ ظلم-ستم
مون وٽ بس شڪرانا ها.

منهن تي مُرڪون - مُسڪانون
من ۾ پر ويرانا ها

ڪوٽ - خرابيءَ ۾ پڻ مون
پاتا خوب خزانا ها

هاءِ، اُهي اڳلا ماڻهو
۽ چا غضب زمانا ها.

(٨٢)

سڪ سمورا دُور ڏنا تو
پر، پنهنجا سپ سوُر ڏنا تو

ڪٿي ڏنئہ احساس جگر جا
دنيا جا دستور ڏنا تو

جيڪي جندڙي ڪي جهوري ويا
نينهن ڏنا ناسور، ڏنا تو؟

اُگهيئہ اچي هِٿَن غم جا ڳوڙها
ماڻڪ - موتي موُر ڏنا تو

اندران جي ويران ويچارا
ٻاهر ڪان معموُر ڏنا تو؟

پيهي پاڻ ۾ وينو آهين
چاڻ نہ ڪهڙا نور ڏنا تو

سار ٻِلي سپ سڪہ گهوري ويا
غموارا مغرور ڏنا تو؟

عشق اٽانگي منزل، منڙا
چائنٽ تي چڪچور ڏنا تو؟

ماٺ ڪي ئِي ويڙهي، ويڳاڻا
وينا ٿئي مجبور، ڏنا تو؟

ڏسندوئي ڏسندو رهجي وئين
اهڙا ڪهڙا طور ڏنا تو؟

پيلا جنجا پا ڳہ بڻي پيا
ڪيڏا اها معذوُر ڏنا تو؟

موُت سمهاري چڏيا مڙيئي
ڪيڏا ها مشهور، ڏنا تو؟

لام لام تي، ڳلن چپن تي
ڀهہ - ڀهہ ڀڪن ڀوُر ڏنا تو؟

وينا واٽن تي واجهائن
پل-پل پاڳل پوُر، ڏنا تو؟

پيئَڻ بنا مدهوشي ميءِ جي
مون جهڙا مخموُر ڏنا تو؟

گهڙياسين تي گهر ۾ رکيائين مٿي تي تي آسيس جو هٿ
اسان جي اڱڻ ۾ پپر سو پُراڻو اڃان ياد آهي

اَڏورو - سڏوُرو اُهو يار منهنجو جهمٽ يا خميسو
ڪڏهن پارسا ۽ ڪڏهن عيب هاڻو اڃان ياد آهي

اَجهل تنگدستيءَ جي اُلجهن ۾ قاتل هي ايمان منهنجو
وڪيو مون ڪٽي جنهن به اگهه ۾ وِڪاڻو اڃان ياد آهي

ٻَلي هٽ وَسايو بنارس يا بامبي يا ڳڙهه ڪو پراڻو
سکر - روهڙي - خيرپور - لاڙڪاڻو اڃان ياد آهي

جڏهن عشق جي وات جو تي پڇيو مون، اکيون تو جُهڪايون
حيا ۾ ٻڏل سو نگاهن جو ناڻو اڃان ياد آهي

سڄي عمر سي عاشقيءَ جون ادائون نہ سمجهي سگهيس مان
ڪڏهن ها ڪڏهن نا ڪڏهن ڪوئي ماڻو اڃان ياد آهي

منع چو ڪندو دين ڪوئي بندي کي يلا بندگيءَ کان
مسجدن جي ير ۾ گروءَ جو نِڪاڻو اڃان ياد آهي

ڏسي حال ٻولي ۽ سيپتا جو اکڙيوُن ڙُڻن ٿيون
مگر سنڌيت جو سڳورو سياڻو اڃان ياد آهي.

(۸۴)

مُحب متل جي راهون آهن
اَشڪ، اُداسي، آهون آهن

بند دَرَنِ ۾ دانهون آهن
۽ چنبن ۾ ٻانهون آهن

پير هلڻ ڪجوراهن ڏي پيا
ڪاشيءَ ڏانهن نگاهون آهن

سڏ ڪنهن کي آ يار ماڳ جي
سانباها ۽ ڪاهون آهن

نوِڙڻ جي توفيق هجي، شل
در - در تي درگاهون آهن

هِڪ - هِڪ چاهت جان گهري ٿي
منهنجيون ڪيڏيون چاهون آهن

هيءَ جيڪا تنهائي آهي
خود سان جِٽڪ لڙائي آهي

منهنجي گهر ڏس، غم آيو آ
پل آيو - ڳوٺائي آهي

تنهنجي نيڻن جي تجلن ۾
ويهي ڪئي پڙهائي آهي

من جو کهڙو يار پروسو
من تہ مُنو سؤدائي آهي

پيو تہ ڪيو مون ڪونہ منافو
ڏس، پاتي رسوائي آهي

ساڳي مايوسي - غم ساڳيا
حالت اجا اُها ئي آهي.

لڳو اَتم هيءُ منهنجو جيون
لنبي رسم - اَدائي آهي

تنهنجيون يادون يادون يادون
حاوي ڪا موڳائي آهي

شبد - ساڌنا ڪئي عمر ڀر
ڪِوتا سرب ڪمائي آهي.

هن من مندر جي ميلي ۾ سڀ ذات ڪٿي آيا آهن
کي خواب ڪٿي آيا تہ وري کي رات ڪٿي آيا آهن

هت اوَتارن جون آڪرتيون ٻن ٻن پئسن جي ملھہ واريون
هي ماڻهو سڀ بس ايڏي ئي اؤقات ڪٿي آيا آهن

کي ٻڇي ڦوڪٽا تا ڦاٽن، کي وِچڙن پيا ڏاڍن وانگر
کي ويچارا دل ڏاريندڙ ايڪانت ڪٿي آيا آهن

کي مٽاڇرا، کي جذباتي ۽ کي قربن جا ڪُنل -ڪُنل
کي کي نيڻن جي نوُر سنڌِي سوغات ڪٿي آيا آهن

کي شاھہ سنڌيون وايوُن واڇن کي سامي ۽ جون ساکيون سبون
کي من ۾ هوشوءَ - هيمونءَ جا آگهات ڪٿي آيا آهن

کي پانت - پانت جا چشما پائي، پڙهن نوان نت سبق پيا
پر کي تہ اپوڄن اکرن ۾ ڪا بات ڪٿي آيا آهن

ڏس کي تہ وِساميل ڇهرن ۾ ۽ کي ٽانڊن ٽانڊن وانگر
کي اُڇاترا وحشت جي جذبات ڪٿي آيا آهن

کي نازڪ گل، کي ماڪ ڦڙا، کي رنگبرنگي پوپٽڙا
کي ٽار - ٽار تي جهرڪي جي ڪا لات ڪٿي آيا آهن

کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان پلجن، کي پلجن ٿا ويچارا ٿي
کي سونن - سونن پڃرن جي حالات ڪٿي آيا آهن.

(نوٽ : گجراتي شاعر رميش پاريکہ کان متاثر ٿي)

اڄ ٻہ ڏاڍو شور مچايو
ٻُڌجي رهيون ڪراهون آهن

اڄ نانگن جي ٻِر ۾ ڳولهيون
ڪي محفوظ پناهون آهن

ڏکين ڏينهن ۾ مليون سين ڪان
سکٽيون - صرف صلاحون آهن

شايد مونسان مِلي وڃان مان
ڪيڏيون تنها راهون آهن.

(٨٧)

ڪاش دل جو حال ڪجھہ اھڙو بَڻي
ڪونہ ڪجھہ توکانسواءِ مونکي وڻي

ھيءَ اُداسي ڪا عجب سوغات آ
ڪاش ڪنھنجيءَ جان جي فطرت بڻي

ڏِسُ تہ چنڊ جي تون اڪيلائپ تہ ڏِسُ
ڏِسُ تہ ڪيڏو سوجھرو پيو ٿو ڇَڻي

ھڪ ڇڻي ۾ ڪاروان ڪيڏا وسن
محفلون - ميلا مچايا ھڪ ڇَڻي

ڪِئَن ڪندس برباد خود کي، پيو ڏسج
شرط آھي ڳالھہ ڪا مونکي وڻي.

(٨٦)

جان هِڪڙي ۽ تمنائون سَوين
چيڙا من، ڏس ته آخر ڇا ڪندين

ڪيترين ننڊون بچائي مون رَکيون
خوب سمهبو گڏ جڏهن تون موٽندين

نينهن اوسيڙو ڪٽي وينا وِري
اڄ صبوح ڪان ڪانوَ پيو در تي لَنوين

ڪجھه ته ڪر محسوس تون موجودگي
غرق ٿيو آهين فقط ڇو ياد ۾

هيترا غم، گهاوَ، سُڏڪا، ٺوڪرون
او ٻِهيلا، ڇئه، ڪڏهن ڪجھه سمجھندين؟

(٨٩)

دردمند دِلدار هُئا
ڪيڏا شاهوڪار هُئا

منهنجيءَ پت ۾ ڪِڙڪي هُئي
ڳالهيون هيون، ديدار هُئا

جن برباد ڪيو مونکي
منهنجا گهِرا يار هُئا

ڇا ته اڳوڻا ماڻهو هُئا
خوشبو هُئي، گلزار هُئا

ادب، شاعري ۽ سڀ فَن
گونگن جا اِظهار هُئا

گهر ۾ گڏ رهندا ها، پر
دل سان ڪيڏا ڌار هُئا

وات عبادت جي هُئي يا
لڇمڻ جا اشعار هئا؟

(٨٨)

ڏِسُ تہ ڪئن برباد وينا ھون اسين
خواھشن جي گھر متان پاڳل وَجين

زندگيءَ ير چور جيان جيئندو رھيس
ڊپ اٿم مالڪ متان جاڳي پوين

ڪونہ ڪو ايندءِ اڳياني مٽيرو
گيانوارا، ڪاش ڪي ڏاڪا لھينِ

چو يلا ھيو ڪجھہ وٽي، دنيا وٽي
ياد تنھنجي آھہ جيسين دل نشينِ

عشق، تنھنجي راہ، مون توبھہ ڪئي
چا ڪريان، تون ئي ٻڌاءِ، تون جيئن چوينِ.

(٩١)

سياھ راتين ۾ ڏِئي جو سوجھرو آ شاعري
روشنيءَ جو ڪو عجب ڇڻ پيچرو آ شاعري

دل زماني ۾ لڳڻ ممڪن نہ ھو، تنھنجي ڪري
ڪو ڪري پيو مئڪشي منھنجو نشو آ شاعري

ڪير مون ۾ پيو وسي منھنجي علاوہ شخص ٻيو
ڪنھن قديمي راز جو ڇڻ ڪو پتو آ شاعري

پل ھجي دنيا توھان وٽ، عيش ۽ طاقت ھجي
مون مُنل مسڪين جو پڻ آسرو آ شاعري

ھر مڪمل سچ ٻَڌَڻُ ڪنھن شبد ۾ سؤلو نہ آ
بي زبانيءَ جو عجب ڪو ذائقو آ شاعري

ھيءَ اُداسي، درد چاھي ڪو نہ سمجھائي مونکي
ڪنھن پراڻيءَ ياد جو ڇڻ سلسلو آ شاعري.

توسان گڏ ڪي گهڙيون گهاري
پياس وَڏائي آ ويچاري

ڪوئي جيون ڪسي ويو آ
آشا جو وِڪ پياري پياري

مونکي ڪيڏا ڏِنيپ ڏنا هِن
هڪڙي ماڪيءَ جي ماناري

پنهنجو پڃرو ڪٽي هٿن ۾
صيّادن کي پيو پُڪاري

آس اَٿم هنجي مونکِ جي
اونده آ، رک ڏيئڙو ٻاري

شايد ڪنهن ڏينهن ملندس مقصد
ڪنهن نوڪر، ڪنهن چوٽ - سهاري

جنهن وٽ سمجهڻ ويو مسئلو
سو سَوال هڪ ويو اُتاري.

(٩٣)

هي خوشنما نظارا، هي رنگ، روشنائي
پل - پل پيا پڪارين، ڪنهنکي آ واندڪائي

تو ئي ڪيو هو پيدا، مرضي هلي نہ ڪائي
دؤران زندگيءَ جي تون ئي ڪجنئہ سٺائي

صدين کان اَسين وچڙيل ساگر جا ڪِنارا هون
هيڏي بہ هيڪلائي، هوڏي بہ هيڪلائي

خواهش ڪئي وري مون ٿوري سُڪون جي چو
ويٺي اچي بغل ۾ منهنجي اُپاڻڪائي

هرروز، هر گهڙيءَ ڏس ڪيڏي مَتي پئي آ
منهنجي اندر ۾ راوڻ ۽ رام جي لَڙائي

وچ وات ۾ پيو آ گهايل پکيئڙو، ڏس
ڪنهنکي رحم اچي شل، ڪوئي تہ اچي، يائي

اِنسان ئتڪي-ئتڪي ٽڪجي ٽٽي پيو، پر
ماپي سگهيو نہ ڪوئي خواهش جي ويڪرائي.

(٩٢)

محفل ۾ منهنجي يار پڙهي شاعري اڄ
اِنسان ٻڌايان اَوهان کي آدميءَ اڄ

تڏهن ۾ اُگهاڙا پار لڳي جو ٽڪر نه آ
قبرن مان ڇو نه يارو ڪفن ئي ڪڍي اڄ

ايندا ته آهيو روز اسان وٽ خبر اٿم
هڪ ڀيرو خود کي ڪاش اوهان ڳڌ وني اڄ

جيئرن جي لاءِ ظلم ستم ۽ ڪراهتون
مُئلن جي مزارن تي وڃي گل رکي اڄ

چهرو ڏسڻ جي چاهيو اوهين هوُبهوُ سندم
ڪوتا جي دستياب اَٿوَ آرسي، اڄ

پيا سڀ نشا ته هوش جي مخالف ها مورچا
مون وٽ اڄ ڪا هوش جي پيئو ڇُڪي، اڄ.

(٩٥)

هِيئَن حَوَس ۾ حسرتن جي چاڪرِي ڇو ٿو ڪرين
راءِ ڳان تون يار پنهنجي زندگِي ڇو ٿو ڪرين

ايترا آنسون وهائڻ لءِ ڪٿان آڻيان، ٻُڌاءِ
کيل هيءَ جذبات جو مونسان وري ڇو ٿو ڪرين

هيءَ جواني، موج مستي، رُت رنگيلي ۾ نشو
دوست مونکي سڀ خبر آ، دِلّگي ڇو ٿو ڪرين

خواب پوڙهو هي وڃي ويندءِ اَجهل اوڙاهه ۾
جاڳ متوالا اجائي خودڪشي ڇو ٿو ڪرين

شاعري ڪو شونق ڪونهي، درد جي سوغات آ
درد جي دل ۾ نه ٿي تون شاعري ڇو ٿو ڪرين

ڪنهن اُداسيءَ ۾ نه ڦاسائي ڇڏي توکي، اَلا
يار ٻڌ، تون 'لڪشمڻ' سان دوستي ڇو ٿو ڪرين.

(٩٤)

بند اکين سان ڏِسڻ جو فائدو سمجهيو هئو
شاعريءَ کي مانُ جو هڪ پيچرو سمجهيو هئو

سِرُ جهڪايو ڪونہ هو جيسين امڙ جي پير تي
مون خدا کي، سچ چوان، سڀ کان وڏو سمجهيو هئو

جو نہ بي چئني ملي، نوڪر لڳي ۽ دِل ٽٽي
احمقن دنيا کي دائم آسرو سمجهيو هئو

سمجهہ فرضي ۽ اٿئہ احساس اصلي ڳالهہ ڪا
جو مِلي ڪو مال توکي تو رُڳو سمجهيو هئو

جنهن ’الف کان پو پڙهڻ جي نابري واري چڏي
تنهن حقيقت جو نرالو راز ڪو سمجهيو هئو

مسڪرائي، مَلڪندي جي موت کي ماڻي سگهيا
بس اُنهن ئي زندگيءَ جو فلسفو سمجهيو هئو.

(٩٧)

اَڪ اُڃائي ۾ انبن جو ڦلُ گُهري ٿي
ڇو اِئين مونکان حياتي ڇلُ گُهري ٿي

زندگي جڻ موٓت جي آهي ٻني ڪا
آرزن جو روز جيڪا جلُ گُهري ٿي

خوب سؤلي آ سلڻ هرڪا ڳجهارت
مان جو بس يار هڪڙو پلُ گُهري ٿي

اڄ اُمالڪ پئي پُڪاري تنهِ اَمان جي
سر هٿيليءَ تي ڪٽي تون هلُ، گُهري ٿي

درميان پنهنجن ٻچن جي سڪ-محبت
ماءُ ڦهلائي ڪري آنچلُ گُهري ٿي

مان مسلسل موٓنجهه جو ڪو سلسلو هان
هر گهڙي مونکان مڪمل حلُ گُهري ٿي

’لڪشمڻ‘ جي بيوسيءَ جي جاءِ ڪانهي
آس، ٻاجهارا اوهان جو ٻلُ گُهري ٿي.

هڪُ ئِي سچ ٿي غم دنيا ۾، غم سان شال نيائين تون
درد دِلاوَر جي دؤلت ٿي درد مٿان سهسائين تون

اهڙو ڪو ڏيکار مونکي جنهن ڪڏهن به غم پاتو ناهي
غم جي پويان خوشي به ايندي چو ٿو هيئن گهبرائين تون

مونکي خبر آهي ڪا گهِري چوٽ لڳي آهي توکي
نہ تہ چو ٿو هيئَن هنجون هارين گيت درد جا ڳائين تون

جنهن کي پيار سڏي ٿي دنيا سو سچ ۾ ڳوڙهن جو ڏِڻ
سوچ ڳهيلا بار بار دل ڪنهن سان چو ٿو لائين تون

هيءَ مايوسي ۽ بي چئني هُن پر پهچڻ جا رستا
مايوسيءَ کي سمجهي جاڳي شل ڪو جشن ملهائين تون

’لڪشمڻ‘ تو ۾، ها تو ۾ ئِي سڪ جو سارو سربہ اَٽئہ
ذرڙي سڪ جي خاطر پاڳل چو ٿو هٿ ڦهلائين تون.

شعر

بس پياس آ اسانجي ساقِي، اَوهانجو سڀ
نظرون فقط اسانجيون باقِي اَوهانجو سڀ.

(٩٩)

وِڪري لاءِ سڀ غيرت جو سامان هئو
منهنجو گهر جڻ گهر نه هئو دُڪان هئو

آئيني ۾ شڪل ڏسي روئِي وينس
ٻاهر جڳه ۾ منهنجو ڪيڏو مانُ هئو

هونئَن ته ڏاڍو سانت لڳو پئي ويچارو
مگر اندر ۾ ڇا ته سندس گهمسان هئو

هاءِ ڪوُڙ تي، فقط ڪوُڙ تي ئي واڌارو
پل-پل تٽي پوڻ جو ئي اِمڪان هئو

بند درين ۽ دروازن کان اڪثر پڇيم
ڪنهنجي ٻل تي آخر ڪڙو مڪان هئو

هرڪو سوَلائيءَ سان سمجهي سگهندو آ
چشم ديد جو بدلي ڇڏيو بيان هئو

مون ڀانيو آ هتي غزل بيڪار ڇيم
آخر منڙا ڪيڏانهن تنهنجو ڌيان هئو.

(٩٨)

گهر سندو اُجڙيل ڏسي ٻن پائرن روئِي ڏنو
سرحدن روئي ڏنو خود حالتن روئِي ڏنو

مدتن کانپوءِ پنهنجي گهر مونکي ايندو ڏسي
دور کان ئِي منهنجي گهر جي در-درين روئِي ڏنو

خواب ۾ توسان ملڻ جي ڳالهه جهومائي ڇڏيو
پر اکين کي ڇا ڪريان جن عادتن روئِي ڏنو

سوچ جون هينائيون ۽ اُف، نظر جي گندگِي
ڏِس، اجوڪي آدميءَ جي آرزن روئِي ڏنو

روز خط جي واسطي وانجهيل ڏسي، سڪندو ڏسي
حال منهنجي تي ويچارن قاصدن روئِي ڏنو

روڊ تي گهايل پرندي کي ڏسي سڀ چپ رهيا
هاءِ، اڄ جي حالتن تي حادثن روئِي ڏنو.

(١٠١)

هڪڙي خوشيءَ جي لاءِ سَوين غم سَهي وڃو
تنهنڪان ته ڀلو آهه غمن سان ٺهي وڃو

آواز اُٿارڻ جي منع آهه هر طرح
خاموش خونَ وانگي زخم مان وهي وڃو

ڪُرسي آ، اوهانجو هي جنازو ته ڪونه آ
ڪجهه جي نٿو پڄي ته سُنو آ لَهي وڃو

ديوار اناجيِ جي ڏسو وڻ وڃو، مگر
جِن وٽ خلوص، قرب هجي اُت ڪَهي وڃو

يارو، اچوڪي دؤر ۾ ايڏيون صداقتون
چِرڪان ٿو اجايو نه اوهان پڻ ڏَهي وڃو

دنيا جي عذابن جي مونکي خوب خبر آ
مون وٽ اچو نه، چو نه ٻئي ڏينهن رَهي وڃو.

(١٠٠)

اگر چاهبو آ تہ بس چاهبو آ
نہ کنهنکي بہ اِئن يار تڙپائبو آ

امڙ ۽ اَبي کي کڍيئہ گهر کان ٻاهر
ذرا سوچ کمبخت تو ڇا کيو آ

ڪرائن تي واچون ٻڌي سڀ گهمن پيا
مگر هڪ گهڙيءَ تي ڪٿي ضابطو آ

پراون کي پنهنجو بڻائڻ تہ چاٺي
مگر حيف تِس جو نہ کنهنجو بڻيو آ

محبت، وفا، شاعري، دل ۽ جذبو
ڀلا ڇو وٽن دؤر بيمار جو آ

ڪندو ڇو ڀروسو ڀلا اوپرن جو
سندس گهر سندس گهڻگهرن سان ڀريو آ

ڀلي ڪوششون ڪر مڃائڻ جون هنکي
ڪڏهن ڀي نہ مڙندءِ اڙي هوُ ڇريو آ.

(١٠٣)

سامونديءَ لهرن وانگيءَ ويچارا آهيون
پنهنجو ئيءَ سِر ٽوڙيندڙ آوارا آهيون

سوچيءَ-سمجهيءَ يار وٽڇ ڪو وعدو مونکان
هڪ وعديءَ تيءَ عمر گذارڻ وارا آهيون

اسين غمن کان ڇرڪون يارو، ڇا مجال آ
تِيا غمن جيءَ صدقيءَ هيڏا سارا آهيون

جِنکيءَ ڪوئيِ چراغ حاصل ڪونہ تيءَ سگهيو
اهڙا بيءَ گهر ۽ بيچين شرار آهيون

امرت ويليءَ ننڊ ڦٽائڻ جيءَ مقصد سان
اُٿيءَ اسرُ جو وجندڙ گهنڊ نغارا آهيون

دنيا جو درياهہ سبب آهيءَ فرقت جو
ڪڏهن نہ ملندڙ ڪيءَ مجبور ڪِنارا آهيون

اسين تہ آهيون دِلگيريءَ جا اُجرا آنسون
يا ڪنهن آڪاشيءَ گنگا جيءَ ڌارا آهيون

جيسين دم ۾ دم هو هرڪنهن وٽو سهارو
اڄ بيءَ ويس تيءَ ڳولهيءَ سهارا رهيا آهيون.

(۱۰۲)

نظرن ۾ بي نشانُ بہ آهي
مگر ڏِسو درميانُ بہ آهي

مونکي نہ سمجهجہ جهڙو تهڙو
منهنجي گهر ۾ امان بہ آهي

ڏوئِي چڏ پل داغ خون جا
مگر خون کي زبانُ بہ آهي

مشکل مِتندي سنڌ جي هستِي
مان سان گڏ ڏِس اسان بہ آهي

هڪڙي چَپَ تي رام نام آ
ٻئي چپ تي اَذانُ بہ آهي

منهنجن شعرن ۾ صدين کان
کنهن ڪاوِش جو بَيان بہ آهي

مان بس مان ئي مان ئِي مان هان
چا ڪجهہ منهنجي بنان بہ آهي؟

(١٠٥)

آلائي چا هئو اهڙو اياڳيءَ چاهہ جي اندر
وئي گذري سموري عمر ڏپ ۽ ڏاهہ جي اندر

اکين کي چو جلائي پئي اُتان جي ٻاڦ کا کوڙي
خدا جاڻي ٿيو چا هئو عبادت گاهہ جي اندر

اسان جو واهہ جهڙو باغ هِتَن برباد چو ٿئي ها
چَتي ويو زهر جون بوندون کوئي ويساهہ جي اندر

سلامت چو نہ رهندو سچ سدا اونچو، اَچو، اُجرو
هجي غيرت سندءِ جي ٻج اسانجي ساهہ جي اندر

جيئڻ مشکل هئو ڏاڍو ٻٽت جا بس بهانا هئا
سمايل راز ها کيئي اسانجي ٿاهہ جي اندر

اصل ۾ شاعري هک درد جو تنها سفر آهي
لکل آ غيب جي گفتار غم جي آهہ جي اندر.

(١٠٤)

آدمي هوُ نيڪ هو ڏاڍو سنو هو
پر نہ پڇجنئہ يار هنجو ڇا ٿيو هو

مون گلن جو اگهہ پڇيو هو باغبان کان
باغ ۾ بازار کي پو مون ڏٺو هو

ڏيءُ جيان سُڏڪي ندي وڇڙي جبل کان
سمنڊ سارو اِنڪري کارو ٿيو هو

هر گهڙيءَ پيو پاڻ کي جاچيان ڏِسان مان
ڇا ڏنم منهنجي پنيان پيو آئينو هو

هن گهريو آهي سمورو يا نہ ڪجهہ ٻيي
من ٻٽيو جڻ ڇيڄرو ڪو ڇوڪرو هو

بدچلن ڇڙواڳ خوشبو کي ڏسڻ سان
نرم دل گل پڻ هچارو ٿي پيو هو.

(١٠٧)

درد جي هڪ شام تي بيٺل شهر
بيخوديءَ جي جام تي بيٺل شهر

جسم تي رستا اُڪري ڪيترا
اَڻ ڏٺل انجام تي بيٺل شهر

اُلجهنون، بڻ - بڻ، تڪڙ ۽ تاڻ ڏس
هڪ ٽرئفڪ- جام تي بيٺل شهر

ٿيون تجارت جي حوالي ڌڙڪنون
شيئرن جي دام تي بيٺل شهر

پيچ-پيچان جون هي فراري عادتون
جڻ لڳل الزام تي بيٺل شهر

حيبتن جون هي حراسيل حالتون
خوف جي پيغام تي بيٺل شهر

ڪو پڪاري پيو پراڻو پيچرو
صرف تنهنجي نام تي بيٺل شهر.

(١٠٦)

زندگي خاموشين جي گُونج ھُئي تنها ھُئي
شڪر آھي راھہ ۾ مونکي مِلي ڪَوِتا ھُئي

مون ڏٺو ڪنھن شخص ڪاوڙجي ڪري ڪڙڪيءَ منجھان
زور سان اُڇلي پڇي ٽڪرا ڪئي دُنيا ھُئي

ھڪ دفعي ٽورو الڳہ ٿي جسم کان خود کي ڏٺم
ڪجھہ نہ ھو، پاڇا ھُئا ۽ موھہ جي مايا ھُئي

غيب جي ڪنھن تروري جيان يا بقا جي واڳہ جيان
آسمانن کي جھلي بيٺي امر آشا ھُئي

صرف پنھنجي ذاڪ ۽ مرضي رکڻ جي واسطي
نيٺ سمجھيم تو ھي دنيا چو ڪئي پيدا ھُئي

ھاءِ ھِنجون ھَئن ھنجون ھارڻ رسڻ، تڙپڻ، جلڻ
بيوسي، ديوانگي ھئي يا محبت چا ھُئي.

(۱۰۹)

خواهشن جي جوش جو يا ڏوڪ جو
زندگي انجام آ ڪنهن ڦوڪ جو

هِئَن حواس-و-هوش کي چيِري وِڃڻ
دور ويندڙ ٽرين جي ڪنهن ڪوڪ جو

ڏس، نتيجو ڪِئَن صديون پوڄن پيون
آدميءَ جي هڪ گهڙيءَ جي چوڪ جو

عقل سان، اي دوست، مشڪل آ کُلڻ
شاعريءَ جي طلسمي صندوق جو

ڏس تہ اڄ سؤدو ڪيو آهي پُنهل
جسم جي بازار ۾ معشوق جو

هِن صديءَ جو درد پيو کهڙو ڏِسون
اَنّ کي وِڪڻي وٺڻ بندوق جو

هَل - هَلان، دونهون، شهر جي پيڙ هيءَ
ڪارخانو آ چٽڪ ڪنهن پوڪ جو.

(١٠٨)

ڇُهنب ۾ رنگين ڪرڻن کي پري
ڏس، پرندا ويا دري روشن ڪري

جي ڏسڻ چاهين سڄڻ کي سرخ رُو
ٿورڙو رهجڻ ادا، هنڪان پري

جانور جهڙو لڳي پيو آدمي
ڇا ڪيو آهي نئين هِن سوجهري

هڪ سني اِنسان کي ٻڏندي ڏٺم
۽ عجب آهي پٽڙ پيو ٿو تري

ڇا نه ٿيندو آ هجي گر حوصلو
ڏس ته خود تي تون يقينِ ٿورو ڪري

جا ڳجهارت مون نه سمجهي عمر ڀر
سا سلي چرچي ۾ هڪڙي مسخري

مان اُداسيءَ جي لپي پڙهندو رهان
ڪاش ڪوتا جو ڏِيو هردم ٻري.

دوها

ڪڏهن نہ جو روئي سگهيو سو جوان حيوان،
ڪلڻ نہ جنهن کي آئيو سو سڏجي نادان.

هن جيون ۾ ڪارگر آ هڪڙي ئي راهہ،
پنهنجي ڍنگہ جي زندگي پنهنجي ها ساجاهہ.

تنهائيوُن - مايوسيوُن ڪري ويون تصديق،
وڃڻو آ جنهن جاءِ تي شايد آ نزديڪ.

پاڻ سريڪو سات ۽ پنهنجي هجي پسند،
ٻاهر نڪرڻ جا رهن سڀ دروازا بند.

ڏس مونکي تو آ سڏيو سندر عاليشان،
ڪڻ هيءَ منهنجي زندگي تو تان سڀ قربان.

دوها

•

ڏرُ، اُلجهن هيءَ بيوسي، شنڪائون - ايمان،
جاڳائڻ جي واسطي ڪجهه نه هجي سامان.

اکين ۾ اٽڪي پيئه! پاڳل ڳوڙهو ڳارِ،
غم گنگا جو جل اَٿئي، ائين نه خود کي ساڙِ.

مستيءَ ۾ موجود ٿي پنهنجو پاڻ پڇاڻ،
مايوسيءَ ۽ مات جي سنهڙي چادرَ تاڻ.

قسم، دوستي، واعدا، وفا، پيار، اِقرار،
ڦوڪي ڦوڪ نه ڦوڪٽا - ڪوبه نه ڪنهن جو يار.

پياس رُسي ويني وڃي اوڏي ڪاري بات،
ڦڙو ڦڙو بڪ مان ڪِري واجهائي پيو وات.

تيز نديءَ جي ڌار ۾ جئَن ڪاغذ جي ناءُ،
منهنجيءَ دل ۾ پڻ ٿيو اِئين پريم جو گهاءُ.

خوفزده معصوميت خبردار ڏالان،
گهر ۾ آيو ڌو لڳي شايد ڪو ودوان.

دوھا

خَطَ، اُڏام، چِڱھ پرينءَ کي وريو اٿم اوراح،
تندُ ڪچيءَ جي آس تي اٽڪيو آهي ساھُه.

سانول تنهنجي سک ۾ وَڏ وِجهي ٿو واءُ،
چا چا مونکي ٿو ٿئي ڏسڻو هجئي تہ آءُ.

اُڏري وئي آڪاش ۾ وڻ تي ويٺل ڪُونج،
لامن تي رهجي وئي هنجي جهيڻي گُونج.

ڪڏهن ڪلائي خوش ڪري نيڻ ڪڏهن پرنم،
وقت ٽپالي ٿيو گهمي ڪٽي خوشي ۽ غم.

خوديءَ کي بخشي ويو انپوَ عجب اُمنگ،
هڪڙي ڏينهن مونکي لڳو تنهائيءَ جو ڏنگ.

هڻ ۾ هوندي سکن جو پنهنجو سڀ سامان،
ٻئي جي سک جي ساڻ ۾ ڏُکي ٿيو اِنسان.

هوا مونکي معلوم آ ڪروڌ نہ ايڏو ڏار،
مان تہ، مچيان توکي تڏهن، هڪ پڻ ڏيئڙو ٻار.

دوها

هونئن تہ ڪڏهن پڻ ڪونہ ٿيو منڙو اِئين اُداس،
اِئن ٿيو جو تنهن ڏينهن سُڃو ڏٺم ذرا آڪاس.

پايل هِن يا بيڙيون متان پُڇين سرڪار،
قيد ڪڏهن ڪان آهيان چوندءِ هيءِ جهنڪار.

ڪاغذ تي رهجي ويا هي سارا الفاظ،
خاموشي ويئي اچي اورڻ مونسان راز.

مُنهن تان غائب ٿي وڃي معصوميت، مسڪان،
ايڏا پيي ماڻهو بڻيا چو آهن ودوان.

جنّت ۾ آيو جڏهن هڪ بُکيو اِنسان،
اچڻ شرط ڳولهڻ لڳو راشن جو دڪان.

هڪ پاسي سارو جڳت، شڪتي، گيان-وڪاس،
هڪ پاسي اِنسان هڪ تنها ۽ اُداس.

رنگبرنگي پشپ جو رڪ ۾ ڏسي شريرُ،
بن اکڙين جي سيج کي ننڊ ڏئي ٿي چيرُ.

چيخ اياڳي ظالمن دفنائِي جنهن جاءِ
اُتِ هڪ پنکي هاءِ، ساري رات لنويو هُئو

ديوارن ۾ دِل اٿئہ ديوارن ۾ ساھہ
جي نہ اٿئہ ويساھُ سينگاري، ڏس گهر سندو

ورِ - ورِ ڪنهن اٽڃاڻُ آفت جو اهڃاڻُ
سهٽي ساٿيءَ ساڻُ جيئڻ وڏو ڇڻ ڏوھہ هو

سڀ خوشيون حاصل هيون حاصل ها سڀ سنگہ
بي چئنيءَ جا رنگہ ڪا اڻ - تڻ اوري ويا

ڏي ڏکہ، بيشڪ ڏي مگر ڏکن سهڻ جو ڏانئُہ
ڦاٿي پوي نہ هانئُہ سوچ ذرا ڏاتار تون

ويريءَ سان سؤکو پڄڻ خوب اٿم دِلجاءِ
ليڪن مور بچاءِ يارن کان تون، اي خدا!

ڪمري جي ديوار تي ويٺي ڪولي وار
تنهائيءَ اَشعار ڏس تہ ڏنا هِن ڪيترا!

بيت

بادل، برکا ۽ مڏر سونيِ سونيِ ڏوپ
دنيا جا هي روپ ڪونہ ڪتابن ۾ مليا

ڪيئن ثابت رهجي وئي سائيِ سبز زمين
آيم ڪين يقين، ڇا ڪو بلڊر ڪونہ هو؟

هاءِ، جدائيءَ جو ڇِڙيو اهڙو ڪو طوفان
رشتن جو ايمان ڇيهون-ڇيهون ٿي ويو

هڪ پيري سان شخص کي سمجهڻ آ دشوار
هن ۾ شخصُ اپار سمجهڻ لاءِ سامت کپي

هڪڙيءَ جو نرگهت گهٽي ختم ڪيائون يارَ
نونهن تي اتياچار ڪندا رهن ٿا رمز سان

ڪوڙ اٺئہ سپ فاصلا ڪوڙ اٺئہ ونجوڳ
روڳ هجن يا يوڳ سپ مڃتا تي منحصر

منهنجي پاڙي ۾ هُجي هنجو ٻيو ڪو يارُ
اڇي هُتي مننارُ نيڻ هِتي منهنجا نرن.

زر- گهر - زالون، ٻار سڀ، رانديڪا ٿئي يار
کوهجنئه ڪين ڄمار ڪنهن گمان ۾ غرق ٿي

صدين کان آسائتو وينو آهي گهوٽ
ڪڏهن تہ قاصد موت ڪنوارين جي ڳوٺ کان

ڪڏهن نہ ڦرجنئه آس تون ڪنهن کي ڏئي ڪا ڇڪِ
متان اِها ئي هِڪ دؤلت وانجهيل وت هُجي

غم سستي شئہ ڪين ٿئي ڪو وِرلو غمگينُ
درد جنهين جو ڏينُ سي اُجرا آڪاهِتا

زخمن جا گُل پوکہ ڪر خوشبوءِ جو وهنوار
ڪر جيوت گلزار ۽ مالهي مالامال ٿي ءُ

درد سنڌءِ جيسين پچئي سيني منجهہ سماءِ
تنهنجي غم جو هاءِ، قدر ڪندا ڇا اوپرا!

بيت

شبدن جو ڪم آ سڌڻ، اَچڻُ تہ تنهنجي وسِ
خاموشي! تون ڏِس، ڪائِي وات وِصال جِي

جنهنجي صدقي سونهن کي حاصل ٿيو گلزارُ
سو خود سبز بهارُ گل جو ڏس پيو ٿو پُڇي

هيءَ بيچيني بيخودي ۽ پاڳل جذبات
شل ڪوِتا جي ذات ملي مات جي مرم سان

جئَن تہ خاڪ جي ڍير ۾ چنگاريءَ جو راز
مون ۾ مان ناراض، واٽن تي وينو رهيس

آس عميقن جي اٿم ٻُڏڻ اچي شل ڏانءُ
ڪپ تي آخر آنءُ ترسي ترسان ڪيترو

پري پنڌ کان آئيا ڪٽي ملڻ جي آس
ليڪن پلجي وياس آڏڻ پنهنجي پاڻ کي

اگر ٿئي ها موٽ سان پختي کا پهچان
جيئڻ تہ ٿئي آسان مرڻ بہ جلسي جان لڳي.

بيت

لَهرَ - لَهرَ پيو ٿو ڳٽي ويهِي ڪَپَ تي ڪيرُ
ساڳئي پاٽيءَ پيرُ ڪڏهن وِڏو ڪنهن ڪينڪي

اوسيئڙي جي ڪا عجب دل ۾ جوڙيم جاءِ
تڏهن بہ منڙو هاءِ ڪونہِ وديسن ڪان وريو

تنهنجي منڙي ياد ڏِس اچي پئي تي يارَ
وچ هاٽي منڻار، مَتان مُئي لڄ ۾ مري.

لکشمڻ کي خراج

- تاجل بيوس

وائي

لکشمڻ جي لاءِ
جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ
ايندو جو آکاڙ ۾.
پانڌي! سنيها سِڪ جا، پرينءَ کي پهچاءِ
ڪا تہ وري بہ قريب جي، خاصي خبر سُڻاءِ
بيوس فڪر، فراق جا، سارا پيد پڻاءِ
لکشمڻ جي لاءِ
جيءَ ۾ جوڙايم جاءِ
ايندو جو آکاڙ ۾.

بيت

لکيا لکشمڻ، سوين شهپارا شعر جا
ساريو جنهن کي سنڌ ۾، آ جڳت ۾ جاڻ
هيري، نند، جيب شاهہ، خُدن ۽ خاڻ
ڪوليءَ، پيل، ڪاشگر، باگڙجيءَ، ڀڻ
سَرها ٿيا هند، سنڌ جا، بيوس تڙ، پتڻ
لڳي تان تنبوَر تي، پارسُ ٿيا پاهڻ
ڪيا سونُ سڄڻ، ڪنگڻ ڪوتا ڪنوارِ جا.